آن لائين
ڪاوش
دنيا
آچر 16 فيبروري 2025ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya



# ٻي واديءَ ڏانهن ويا جَي



ڊاڪٽر ذوالفقار سيال



ڊاڪٽر پرويز پيرزادو

ڊاڪٽر آڪاش انصاري

اسين جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي...

# ’تون پڇين ٿو پرين مان هليو ڇو ويس‘

آڪاش جي دوستن احبابن جو حلقو تمام وڏو آهي. هو پيار ونڊيندڙ، عزت ڏيندڙ ۽ مهمانواز شخصيت جو مالڪ هو. شهرت جي اعليٰ منزل تي پهچڻ کان پوءِ بہ آڪاش جا پير زمين تي هئا. ڌرتي سان ۽ ماڻهن سان هن پنهنجو ناتو قائم رکيو. هو ڪڏهن ورڻن جي ڳوٺ ۾، ڪڏهن ذوالفقار فقير وٽ، تہ ڪڏهن مير بليدي جي ڳوٺ ۾ وڃي رهاڻيون رچائيندو هو.



غفار ڪوسو

اياز چيو هو:
”او ابا آڪاش
تو وٽ بادل بانورا
منهنجي تن ۾ آس...“

پوءِ جڳ ڏٺو تہ شاعريءَ جا اهي بانورا بادل گجگوڙ ڪندي وسندا رهيا ۽ ايندڙ زمانن ۾ بہ وسندا رهندا. آڪاش انصاري، شيخ اياز ۽ استاد بخاريءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ انقلابي ۽ مزاحمتي شاعريءَ جو هڪ وڏو نالو آهي، جيڪو ايندڙ ڪيترن زمانن تائين قائم ۽ دائم رهندو. جسماني جدائيءَ ذريعي آڪاش ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو. هو زنده رهندو پنهنجي ذات ۾ ۽ منتقل ٿيندا رهندا سندس عزم، حوصلا ۽ خيال شاعريءَ جي ذريعي ايندڙ ڪيترن ئي نسلن تائين.

آڪاش هڪ سحرانگيز شخصيت جو مالڪ هو. معصوم، فقيراڻي طبيعت. هر وقت خوش لباس ۽ خوش مزاج. ڪچهريءَ جو ڪوڏيو. دوستيءَ جو سچو ۽ پٽائيءَ جو عاشق. جڏهن پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندو هو تہ، مير بليديءَ کي فون ڪري ڪانئس لطيف جي شاعري ٻڌندو هو.

آڪاش گهڻ طرفو ماڻهو هو. وسيع مطالعو ڪندڙ ۽ ڪمال جو نثر نويس هو. پنهنجي دور جو هڪ متحرڪ سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ بہ هو، تہ ساڳئي وقت هڪ سماجي ورڪر بہ هو، پر سندس اعليٰ خوبي سندس شاعريءَ واري ذات هئي. انقلابي توڙي رومانوي، سنڌس هڪ هڪ سٽ ڪمال جي.

”گهورن جي گهٽائن سان اڄ ميگهہ مندون ٺاهي
دنيا تہ پئي جلندي دنيا جو پلاءُ چاهي“

❊

”هن دل ڪرڻ ٿي چاهيا توسان هزار جهيڙا
تون پڇين ٿو پرين مان هليو ڇو ويس“

❊

”جلاوطن جلاوطن مان ڪيئن رهان جلاوطن...
او امان او امان...
جيڪڏهن رات جي رهزنن جي هٿان...“

❊

”اسين جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڊول ڊاٿي...“

❊

”اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا...“

❊

”جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا
هن پونءِ سڄي جا پاڳيا...“

آڪاش ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف ٻي ڊپو ٿي آخري دم تائين آواز بلند ڪندو رهيو. ڪنهن دور ۾ هو واهڻن وستين ۽ جلسن جلوسن ۾ شاعري جهونگاريندو ۽ ڳائيندو هو.

آڪاش موسيقي ٻڌڻ جو وڏو شوقين هو ۽ پاڻ موسيقار بہ هو. وٽس ڪمال جو جمالياتي احساس هو. قدرتي نظارن سان محبت، موسيقيءَ سان محبت، سٺو پهرڻ ۽ پنهنجي ڪمري کي فني خوبصورتيءَ سان سينگاري رکڻ وغيره.



داغستاني اديب رسول حمزه توف ۽ حسن درس سان گڏ

آڪاش جي شاعري هميشہ مقبول رهي آهي نوجوانن ۾، پورهيتن ۾، هڪجيڏن ۾ ۽ شهرن توڙي ٻهراڙين ۾. ان مقبوليت ۽ مڃتا آڪاش کي هڪ عوامي شاعر جو درجو ڏياريو آهي، جيڪو تمام ٿورن خوش نصيب شاعرن کي نصيب ٿيندو آهي.


آڪاش جي دوستن احبابن جو حلقو تمام وڏو آهي. هو پيار ونڊيندڙ، عزت ڏيندڙ ۽ مهمان نواز شخصيت جو مالڪ هو. شهرت جي اعليٰ منزل تي پهچڻ کان پوءِ بہ آڪاش جا پير زمين تي هئا. ڌرتي سان ۽ ماڻهن سان هن پنهنجو ناتو قائم رکيو. هو ڪڏهن ورڻن جي ڳوٺ ۾، ڪڏهن ذوالفقار فقير وٽ، تہ ڪڏهن مير بليدي جي ڳوٺ ۾ وڃي رهاڻيون رچائيندو هو.

آڪاش پنهنجي زندگي ڀرپور انداز ۾ گذاري ۽ هڪ عظيم انقلابي شاعر جي حيثيت ۾ هن پنهنجو ڪردار نڀاهيو.

آڪاش جو ڪمهلو وڇوڙو ڪيترائي سوال ڇڏي ويو آهي ۽ جيڪو سڄي سنڌ ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سندس دوستن ۽ مداحن جي دلين کي گهائل ڪري ويو آهي،

”اسين پنهنجا وارا وڄائي وڃون پيا
محبت جا ميلا مچائي وڃون پيا.“ ■

جنم: 25 ڊسمبر 1956
لاڏاڻو: 15 فيبروري 2025
(عمر 69 سال)



تصوير روبينا ابڙو جي ٿورن سان

# ڊاڪٽر آڪاش انصاري جو جيون خاڪو


نامور شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جو اصل نالو الله بخش انصاري هو. هن 1956 ع ۾ بدين جي ڳوٺ ابل وسي ۾ لاڙ جي مقامي شاعر الهڏني بديٽوي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس والده جنت خاتون پڻ هڪ لوڪ سگهڙ ۽ لطيف جي حافظ هئي. ڊاڪٽر آڪاش پرائمري، مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئٽ بدين مان ڪرڻ کان پوءِ ميڊيڪل سائنس ۾ ايم بي بي ايس جي ڊگري لياقت ميڊيڪل ڪاليج مان 1984 ع ۾ حاصل ڪري، ڪجهه وقت بدين ۾ ڊاڪٽر طور پريڪٽس ڪئي.

هو ڪاليج واري زماني کان ئي قومي ۽ ترقي پسند شاعر طور مشهور ٿي چُڪو هو. انهيءَ دور ۾ هن ڪاپي ڌُر جي سياست ڪندي، عوامي تحريڪ ۾ 15 سال ڊپٽي سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري جنرل طور ڪم ڪيو. ضياءَ جي مارشل لا ۾ قومي ۽ انقلابي شاعري ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪيس جيل به ڀوڳڻو پيو. اُن ڪانپوءِ جڏهن چئن پارٽين گڏجي ”عوامي نيشنل پارٽي“ (A.N.P) جو بنياد وڌو، ته ان ۾ عوامي تحريڪ به شامل هئي. اي اين پي جو مرڪزي صدر خان عبدالولي خان ٿيو، جڏهن ته سنڌ جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر آڪاش کي مقرر ڪيو ويو. هو 1992 ع ۾ رسول بخش پليجي سان اختلاف ٿيڻ ڪري عوامي تحريڪ کان ڌار ٿيو ۽ 1995 ع کان صحافت ۾ قدم رکيائين. هن روزاني ’سوال‘ اخبار شروع ڪئي، جنهن جو چيف ايڊيٽر هو پاڻ ۽ ايڊيٽر حسن درس ٿيو. اها اخبار پرويز مشرف جي دور ۾ سن 2000 ع ۾ بندش هيٺ آئي. 2002 ع ۾ ڊاڪٽر آڪاش رورل ڊولپمنٽ ۾ ايم. اي ڪئي. 2004ع ۾ ايسٽرن واشنگٽن يونيورسٽي آمريڪا مان جديد تعليمي سرشتن ۾ ڊپلوما ڪري، بدين جي ساحلي علائقي ۾ تعليم ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ لاءِ هڪ سماجي تنظيم ”بدين رورل ڊيولپمنٽ“ ٺاهي، ان طرفان ڪيترا ئي پراجيڪٽ ڪيائين. هن جي ٺاهيل اسڪولن مان هن وقت ٻن اسڪولن کي هاءِ اسڪولن جو درجو ملي چُڪو آهي.

سندس شاعريءَ جا ٻه ڪتاب ”ڪيئن رهان جلاوطن“ (اٺ ايڊيشن) ۽ ”اڌورا اڌورا“ (چار ايڊيشن) ڇپجي چُڪا آهن، جن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو: An Elegy For the Brave Heart of Tomorrow (2022) جي عنوان سان ڊاڪٽر سحر گل ڪيو آهي. آڪاش انصاريءَ جا سوين قومي ۽ رومانوي گيت سنڌ جي لڳ ڀڳ سمورن راڳين ڳايا آهن. آڪاش انصاريءَ 15 فيبروري 2025 ع تي قاسم آباد حيدرآباد ۾ پنهنجي گهر ۾ (ظاهري طور) باهه لڳڻ سبب لاڏاڻو ڪيو. (ان واقعي جي جاچ لاءِ تحقيقاتي ڪميٽي به جوڙي ويئي آهي.) ■ *(سنڌيانا تان ورتل)*



آڪاش انصاري جامي چانڊيي سان گڏ سفر ۾





# موت ڏک ڇڏي ويندو آهي ۽ پيارُ يادون



ڊاڪٽر مشتاق ڦل

ننڍڙي لاڪون ٻڌندا ۽ ڏسندا به پيا اچون ته، ”موت برحق آهي. جيڪو هڪ نه هڪ ڏينهن اچڻو آهي.“ پر جيڪڏهن ڪجهه نه ڪجهه ڪري مرجي، ته اهو موت بظاهر ته ماڻهوءَ کي ماري ٿو وجهي پر ان ماڻهوءَ جو ڪم، ڪردار_ مرڻ بدران پيار ٻڌجي سدائين لاءِ جڻ ته زنده ٿو رهي.

سنڌي ادبي سنگت جي سفر جون اڻ ڳڻيون يادون. تلخ ۽ حسين تجربا منهنجي حيات جو وڏو حصو رهيا آهن. ڪجهه ماڻهو اسان جي حصي ۾ آيا. ته ڪجهه ماڻهن جي حصي ۾ اسان آياسين_ ۽ ايئن اسان جو سفر ”انت بحر دي ڳَل نه ڪائي، رنگي رنگ ٻٽايا!“ وانگر هلندو رهيو ۽ خبرئي نه پوندي هئي ته، جن کي اسان دل جو حصو سمجهون ٿا. اهي پڪين جيان اڏري ٻئي ڪناري تي وڃي ويهن ٿا_ ۽ ڪجهه ماڻهو اهڙا هيا. جن سان گڏ رهندي، سخت اختلاف به رهيا. پر ڪڏهن اسين انهن اڳيان خاموشيءَ سان گذري وياسين ته، ڪڏهن هنن مات ميٽ ۾ اسان کي برداشت ڪري وڏ ماڻهائپ جي تصور کي اپنايو.

2004 جي ڳالهه آهي: ڊاڪٽر ذوالفقار سيال رابطو ڪري چيو ته. سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊن ۾ گڏجي بيهجي. ان وقت هڪ گروپ: مانائتي تاج جويو جو هيو. جيڪو هر دئور جو هيرو هيو ۽ ٻئي گروپ جي يوسف سنڌي، منٺار سولنگي، نعيم شيخ ۽ اي جي پاڳيا سميت ڪجهه ٻيا دوست اڳواڻي ڪندا هيا. ماضيءَ ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ته تاج جي لڏي جو خزانچي به رهيو. جڏهن ته مان تاج جو ووٽر رهيس. اسان جو پينل جڙي ويو. ڊاڪٽر صاحب سيڪريٽري جنرل تي بيٺو ۽ مان آڊيٽر جو اميدوار ٿيس.

ڊاڪٽر صاحب ۾ اها خاصيت هئي يا ڳُر ته هو. هُو جنهن وٽ به ويندو هيو. اتان اميد جا چار ڪٽا ڪٽي موٽندو هيو. ايئن هي، ڪجهه سببن جي ڪري ڪجهه عرصي لاءِ خاموشيءَ جو رستو اختيار ڪندڙ يوسف سنڌيءَ کي پاڻ سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ڪرڻ وارو ٽاسڪ پورو ڪري رابطن سان لڳي ويو ۽ مون به سنگت جي دوستن کي خط لکي ووٽ جي گذارش ڪئي. چونڊ نتيجن ۾ اسان جو پينل هارائي ويو، جنهن ۾ منهنجي سامهون بيٺل نور چاڪراڻي مون کان وڌي ليڊ تي کٽي ويو هيو_ ۽ پوءِ اسان نئين صفبندي ڪندي سنگت جي هر ووٽر وٽ پنهنجي پروگرام سميت پهتاسين.

سفر جا عجيب تجربا ٿين ٿا. ڪجهه مخالف دوست اها ڳالهه ڦهلائيندا هيا ته، ڊاڪٽر سيال سڄو ڏينهن ٽُن هوندو آهي ۽ مون به سندس اکين ۾ جڏهن به نهاريو ته سندس گدري جهڙو چهرو ۽ لال اکيون ڏسي لڳندو هيو، جڻ هاڻي هاڻي پرياش تي نڪتو آهي. راتيون گڏ رهياسين. سفر ڪياسين ته، خبر پئي همراهه ته سگريٽ به ناهي پيئندو. پوءِ مون سوچيو. اسان پرپٺ رايو قائم ڪري ڪيترو نه پاڻ کي ئي پشيمان ڪري ٿا وجهون.



ساڄي پاسي کان_ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر مشتاق ڦل، انعام شيخ ۽ نذير ناز

ساڻس سنگت جي ڊگهي سفر ۾ ٻيو تجربو اهو ٿيو ته. هو ڪائڻ پيئڻ توڙي ڪارائڻ پيارڻ جي معاملي ۾ منهنجن دوستن انعام شيخ ۽ مرتضيٰ سيالِ وانگر پُرتڪلف هئڻ يا ٿيڻ بدران بي تڪلف ٿي پيش ايندو هيو. جيڪو انداز مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. هو جيترو گفتگو ۾ کُهرو هيو، سندس ٿهڪ اوترا وڻندڙ ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ هيا.

2006 ع ۾ وري اسين ورَ ڪُنجي سنگت جي چونڊن ۾ بيهي وياسين ته. چونڊ عمل دوران ووٽرن وٽان شڪايت پهتي ته. ”اسان ڊاڪٽر سان ڳالهايون ٿا ته، هو وڏا وڏا ٿهڪ ڏئي اسان تي ٺوڪ ٺو ڪري.“ مون ساڻس اها ڳالهه ونڊي ته وڏا ٿهڪ ڏئي چوڻ لڳو، ”مطلب هاڻي کلڻ تي به ڪنٽرول ڪرڻ جو فيصلو عائد ڪندين؟“ مون ڪيس چيو ته. ”تو وارين ڳاڙهن اکين ۽ ٺهڪن جون ڪيتريون وضاحتون ڪيان؟ لڳي ٿو اهي وري اليڪشن ۾ ڪيرائڻ جو سبب هوندا.“ ته وري وڏو ٿهڪ ڏئي چوڻ لڳو، ”ادا، مون ٺهڪن ڏيڻ ڪان ته بس ڪئي، باقي اکيون مٽرائي نٿو سگهان.“ پو جيڪو ساڻس ڳالهائي ته ان کي چوي، ”ادا، منهنجن ٺهڪن تي ڊاڪٽر مشتاق پابندي وڌي آهي. اميد ته هن ڀيري ضرور ووٽ ڏيندئو!“

ڊاڪٽر ذوالفقار سخت مقابلي بعد ۽ مون وڏا وڌيڪ ووٽ حاصل ڪري اها چونڊ کٽي. اڳتي هلي هن مون کي موقعا ميسر ڪيا ته، جيئن اڳتي هلي مان سيڪريٽري جنرل تي بيهي ۽ کٽي سگهان. ان ۾ هو ڪامياب به ويو، جو هڪ ڀيرو يوسف سنڌي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ته، ورائي ٻنهي دوستن مون کي نه صرف موقعو ڏنو، پر سندن ڀرپور سهڪار سان مان لڳاتار ٽي ڀيرا سيڪريٽري جنرل رهيس. ان دوران اسان جا سخت تنظيمي اختلاف به رهيا، پر اسان يا ته اهي حل ڪري ٿي ورتا يا ڪنهن سان به نه ٿي سليا، خاص ڪري سنگت جي ٽُٽڻ ۽ وري جُڙڻ دوران اختلاف شديد رهيا، پر اسان هڪٻئي جو ڀرم برقرار رکيو.

هو اختلافي سنگت (سنگت به حصا ٿي وئي) جو سيڪريٽري جنرل ٿيو ته، مون سندس ڀرپور ساٿ ڏنو ۽ مان سيڪريٽري جنرل ٿيس يا سنگت کي گڏائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيم ته هن تحفظات باوجود ڪٽي به ڪا اهڙي ڳالهه نه ڪئي، جنهن سان سنگت جي ايڪتا کي ڪو نقصان پهچي_ ۽ اها ڳالهه رڪارڊ تي رکڻ ۾ ڪا هٻڪ محسوس نٿو ڪيان ته، جيڪڏهن هو سنگت جي جڙڻ واري مرحلي ۾ مثبت خاموشي اختيار نه ڪري ها ته، شايد مون کي ڪوڙ ساريون مشڪلاتون پيش اچن ها.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال تحقيقي ذهن (Research Minded)وارو ليکڪ هئڻ سان گڏ سٺو شاعر به هيو، جنهن جي شاعريءَ ۾ نه صرف نغمگي ۽ رواني هئي، پر سندس اُن ۾ رومانيت سان گڏ ڌرتيءَ جو درد به شامل هيو. هن نه صرف مير علي نواز ناز تي تحقيقي پي ايچ ڊي ڪئي، پر هن جي ڪاتي ۾ شاعراڻي ترتيب ۽ تحقيق جو هڪ ڪتاب ”سنڌي شاعريءَ جو سفر“ به آهي، جيڪو منهنجي سيڪريٽري ٽيڻ واري دور ۾ ڇپيو هو. ان ۾ راءِ دور کان جديد دور تائين جي شاعرن جو سفر شامل آهي_ ۽ هن سوچيو پئي ته، ان جو ٻيو واليوم به آڻجي، جو ته جديد دور جا ڪيئي شاعر ان ۾ ڪجهه سببن جي ڪري شامل نه ٿي سگهيا هئا.

ساڳئي وقت رعبدار شڪل شبيهه ۽ گفتگوءَ واري ذوالفقار سيال جي دل ڪنهن ٻار کان گهٽ معصوم ۽ سڪٽي نه هئي، ان ڪري ئي هن ٻاراڻي ادب کي درجن ڪتاب ڏئي اسان کان موڪلائي ثابت ڪيو ته، هو حيات جي آخري حصي تائين علم، ادب ۽ ٻوليءَ جو خدمتگار ۽ سفير هيو. هن جي اڳواڻيءَ ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين، پنجابي، پشتو، سرائڪي توڙي بلوچ اديبن جي تنظيمن سان سنگت جا لاڳاپا بيحد سنا جُڙيا. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو وڇوڙو جيترو سنڌس خاندان لاءِ ڏک جو سبب بڻيو آهي، اوترو ئي سنڌي ادبي سنگت جي ميمبرن ۽ ساڃاهه وندن لاءِ ڏکوئيندڙ آهي. ■

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال تحقيقي ذهن (Research Minded)وارو ليکڪ هئڻ سان گڏ سٺو شاعر به هيو، جنهن جي شاعريءَ ۾ نه صرف نغمگي ۽ رواني هئي، پر سندس اُن ۾ رومانيت سان گڏ ڌرتيءَ جو درد به شامل هيو. هن نه صرف مير علي نواز ناز تي تحقيقي پي ايچ ڊي ڪئي، پر هن جي ڪاتي ۾ شاعراڻي ترتيب ۽ تحقيق جو هڪ ڪتاب ”سنڌي شاعريءَ جو سفر“ به آهي، جيڪو منهنجي سيڪريٽري ٽيڻ واري دور ۾ ڇپيو هو. ان ۾ راءِ دور کان جديد دور تائين جي شاعرن جو سفر شامل آهي_ ۽ هن سوچيو پئي ته، ان جو ٻيو واليوم به آڻجي، جو ته جديد دور جا ڪيئي شاعر ان ۾ ڪجهه سببن جي ڪري شامل نه ٿي سگهيا هئا.



# ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ادب، فن ۽ تحقيق ۾ ذڪر جُوڳو ڪم ڪيو



آزاد انور ڪانڌڙو

**ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ٻوليءَ جو اهو سگهارو شاعر هو، جنهن کي موسيقيءَ تي به وڏي دسترس حاصل هئي. سندس شاعري آڊيو ڪيسٽن توڙي سي ڊيز ذريعي ٻڌندڙن تائين پهتي ۽ وڏي مقبوليت ماڻي. هيءُ ٻارڙن جي ادب جو به تخليقڪار هئو. سنڌي ادب ۾ ٻارڙن جي شاعري جا سندس 15 کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿيل آهن.**

محبتن جي عالمي ڏهاڙي 14 فيبروري تي وڇڙي ويل پيار ۽ محبت جا گيت لکندڙ، سنڌ جو ناميارو شاعر، اديب، محقق، ڪالم نگار ۽ اسانجو دلبر دوست ڊاڪٽر ذوالفقار سيال چنچر ڏينهن (15 فيبروري تي) لاڙڪاڻي ضلعي جي باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ فريدآباد ۾ سوين آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ٿي چڪو آهي. اسان سندس تڏي تي جڏهن هٿ فاتح پئي ڪئي ته، سوين رومانوي، پيار، امن، ڌرتي ۽ وطن جي گيتن جي خالق ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جا وڏا وڏا ٿهڪ ڪنن ۾ پئي ٻريا، ڄڻ چوندو هجي، ”آءُ ڪڏهن به مرڻو ناهيان. استاد محمد يوسف، مهدي حسن، سرمد سنڌي، منظور سخيراڻي، مهناز، جيجي زرينا بلوچ، عالمگير، گلبهار بانو، شازيا حسن، جنون گروپ، سحرش ميمڻ، استاد فيروز گل، ديبا سحر، حميرا چنا، برڪت علي، عاشق نظاماڻي ۽ ٻين جي، منهنجي ڳايل گيتن ۽ غزلن جي صورت ۾ سدائين زنده رهندس.“

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ٻوليءَ جو اهو سگهارو شاعر هو، جنهن کي موسيقيءَ تي به وڏي دسترس حاصل هئي. سندس شاعري آڊيو ڪيسٽن توڙي سي ڊيز ذريعي ٻڌندڙن تائين پهتي ۽ وڏي مقبوليت ماڻي.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي ڇپيل شعري مجموعن ۾: ”رڻ سڄو رت ڦڙا،“ ”ڳاڙها هٿ پيلا ڇهرا،“ ”لفظ لفظ خوشبو،“ ”ماڻهو اجرا رستا ميرا،“ ”ڇهرا چنڊ گلابن جهڙا،“ ”بارش ڪانپوءِ،“ ”اولا اڪر ٽانڊا“ ۽ ٻيا شامل آهن. سندس نثري ڪتابن ۾ ”سنڌي شاعريءَ جو سفر“ (تحقيق)، ”آئينا ۽ عڪس“ (ڪالم)، ”واڏو ونڊ ڪٽ ضرب“ (مضمون ۽ مقالا) ۽ ٻيا شامل آهن.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي شخصيت، ادبي خدمتن ۽ شاعري تي اديبن ۽ شاعرن جي مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل 3 ڪتاب: ”ڊاڪٽر ذوالفقار سيال فن ۽ فڪر،“ ”ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ادب ۽ شخصيت“ ۽ ”ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سوچ ۽ ويچار“ ڇپجي چڪا آهن.

هيءُ سنڌي ادب ۾ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو. هو ناميارو شاعر، اديب، محقق، ڪالم نگار، ڊرامانگار، اداڪار ۽ بهترين ڪمپيئر به هو. پي ٽي وي تي سنڌي ڊرامي ”پره ڪانپوءِ،“ ”ڪُن ۽ ڪنارا“ ۽ اردو ڊرامي ”غازي عبدالقيوم“ ۾ اداڪاري به ڪئي هئائين. هن ڪيترا ڊراما به لکيا. 1990 واري ڏهاڪي ۾ سندس ٻه اردو ڊراما، ”گر تو برا نہ ماني“ ۽ ”آخر برا مان گئي“ اسٽيج تي پيش ٿيا هئا، جنهن تي کيس بهترين ڊرامانگار جو ايوارڊ مليو هو.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ٻارڙن جي سنڌي ادب جو به تخليقڪار هئو. سنڌي ادب ۾ ٻارڙن جي شاعري جا سندس 15 کان وڌيڪ ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن گلڙن جهڙا گيت، منهنجي ديس جا ٻار، لفظن جا رانديڪا، گل ۽ مکڙيون، اکر اکر سرهاڻ، مکڙين مالها، پنهنجي ٻولي پياري ٻولي، ننڍڙا فرشتا، پياريون پريون، گيت کيڏوڻا، چنڊ به منهنجو رانديڪو، پنهنجي دنيا ڌار، منهنجو ننڍپڻ، منهنجو گڏڙو منهنجي گڏڙي ۽ امان مونکي کيڏڻ ڏي؛ ڇپيل آهن.



ڊاڪٽر ذوالفقار پنهنجي ٿهيءَ ۾ ٻارن لاءِ گهڻو لکندڙ ۽ گهڻو ڇپجندڙ شاعر ۽ اديب هو. هن آخر تائين ٻارن لاءِ لکيو. هن ٻارن جي وندر ۽ وروح لاءِ شاعري نہ ڪئي، پر نئين دور جي تقاضائن کي آڏو رکي ٻارن لاءِ لکيو.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال صرف رومانوي، پيار ۽ محبت جا گيت نہ لکيا، پر هو ڌرتي، وطن ۽ ٻولي سان پيار ڪندڙ شاعر هو. هو مايوسيءَ وارين حالتن ۽ دور ۾ هڪ آسوند، اميد پرست ۽ اتساهه ۽ حوصلو ڏيندڙ شاعر هو. هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي نااميدي بدران آس ۽ اميد جا ڏيئا ٻارڻ جي ڪوشش ڪئي.

”ڪاري رات جو پهر آ پويون
سورج هاڻي ڪر ڪٽي ٿو

❊

چو ساهي پٽين ٿو تون جلدي اٿي آ
ڏکيي آهه منزل ۽ ٿوري وٿي آ

❊

سنڌ سڪي ٿي سنڌ رڙي ٿي
بنا پاڻي جي پوک سڙي ٿي

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي شاعري ۾ سماج ۾ ٿيندڙ واقعن ۽حالتن جا چٽا عڪس آهن، حقيقت بياني آهي ۽ هڪڙو ڪڙو سچ به آهي. هيءُ موجوده سياسي ڪلچر کان مڪمل طور تي بيزار هو، پر هن سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙن کي ساراهيو آهي.

”قوم سان پنهنجو انجام پاڙي ويو،
هو ته روشن نئون سج اڀاري ويو.“ ■

## ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي زندگيءَ جو مختصر خاڪو



کاٻي پاسي کان_ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ تاج بلوچ

مشهور شاعر ۽ اديب، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ولد سرائي محمد خان سيال 28 مئي 1957 ع تي ڳوٺ فريدآباد، تعلقي باقراڻي، ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. سندس زميندار ۽ تعليم يافته خاندان سان تعلق هو. هن 1972 ع ۾ مئٽرڪ ڪئي. لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان ايم. بي. بي. ايس جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد 1984 ع ۾ ڪميشن جو امتحان ڏئي، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج کان عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين. آر. ايم. او (ايڊمنسٽريشن) ايل. ايم. سي حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻو (1989 ع_ 1988 ع) رهيو. ان کان سواءِ اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر حيدرآباد، ايڊيشنل پوليس سرجن جناح اسپتال ڪراچي ۽ ايم. ايس چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال لاڙڪاڻو به رهيو.

ذوالفقار سيال 1971 ع ڌاري لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب کان ڪئي. ٻارن لاءِ سندس ڪهاڻيون ۽ شاعري مختلف اخبارن جي ’ٻارن جي صفحن‘ ۾ ڇپجنديون رهيون. چانڊوڪي پبليڪيشن لاڙڪاڻي جو (1976 ع_1974 ع) جو ايڊيٽر ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي ’سنگت‘ مخزن جو چيف ايڊيٽر (2008 ع_ 2006 ع) رهيو. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي جو ميمبر ۽ 1972 ع ۾ ان جو سيڪريٽري بڻيو. ان کانپوءِ 1976 ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ايل. ايم. سي جو سيڪريٽري ٿيو. هو 1996 ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو مرڪزي خزانچي ۽ 2006 ع ۾ ٻن سالن لاءِ سنگت مرڪز جو سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ٽي. وي جي ڪيترن پروگرامن جي ميزبان جي حيثيت سان ڪمپيئرنگ ڪئي. هن ڪيترن سنڌي ۽ اردو ڊرامن (’ڪن ۽ ڪنارا‘، ’پره ڪانپوءِ‘، ’غازي عبدالقيوم شهيد‘، ’درد ڪو جو زبان ملي‘) ۾ اداڪاري به ڪئي. ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد 14 فيبروري 2025 ع تي ڪراچي اسپتال ۾ وفات ڪئي. ■ *(سنڌيانا تان اختيار سان ورتل)*


تصوير ڊي نيوز ٽان ورتل

## 773هون عرس

سڀاڻي سومر، 17 فيبروري 2025 کان لال شهباز قلندر جو ٽن ڏينهن وارو 773هون عرس سيوهڻ شريف ۾ شروع ٿي رهيو آهي. هزارين معتقد ميلي ۾ پهچي چڪا آهن. ڪجهه پانڌيئڙن سان خوني ٽريفڪ حادثا به پيش آيا آهن. انتظاميه کي گهرجي ته اها ميلي جي موقعي تي ڪنهن به اڻ وڻندڙ صورتحال جي پيدا ٿيڻ کي هرحال ۾ روڪي. اهوانڪري به ضروري آهي جو سيوهڻ شريف سنڌ جي موجوده وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي علائقي ۾ به واقع آهي.

سڀاڻي سومر تي لال شهباز قلندر جي ميلي جي پهرين ڏمال آهي

# لال شهباز قلندر

پروفيسر محبوب چنه جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”سردار قلندر“ مطابق قلندر شهباز طريقت جي ان سلسلي جو سرواڻ آهي، جنهن ۾ اويس ڪرني، شمس تبريزي، مولانا رومي، فخرالدين عراقي، بوعلي قلندر، حافظ شيرازي ۽ ٻيون اهم شخصيتون شامل آهن. قلندر شهباز ڪي سنڌ ۾ تصوف جو باني چيو وڃي ٿو. پاڻ عربي، فارسي، ترڪي، هندي، سنسڪرتي، سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ ٻيون ٻوليون ڄاڻيندا هئا. عربي لسانيات تي سندن ڪتاب پڻ موجود آهن.



ڊاڪٽر اظهر علي شاهه

لفظ ’قلندر‘ عربي، فارسي ۽ ترڪي سميت ڪيترين ئي ٻولين سان واسطو رکي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي خانه بدوش. فارسي ۾ قلندر، رند کي پڻ چيو ويندو آهي. اسراريت ۾ قلندر هڪ اصطلاح آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: هڪ آزاد انسان يا مداري. جهڙي طرح هڪ عام مداري ٻولڙي کي نچائڻ جي مهارت رکي ٿو، ساڳي طرح اسراريت جي اصطلاح مطابق پنهنجي نفس کي ٻولڙي وانگر نچائڻ جي قدرت ۽ مهارت رکندڙ شخص کي پڻ قلندر چيو وڃي ٿو. قلندر ۽ صوفي جي نسبت بيان ڪندي چيو ويندو آهي ته، جتي صوفيءَ جي انتها ٿئي ٿي، اتان قلندر جي ابتدا ٿئي ٿي.

قلندر جو وجود هڪ چراغ مثل آهي. جڏهن به ۽ جتي به اَنڌيرو، ظلم ۽ استحصال هوندو آهي، اتي قدرتي طور قلندراڻا چراغ وجود وٺندا آهن، جيڪي پنهنجي طريقت وسيلي انسانيت جي اصلاح ۽ رهنمائي ڪندا آهن.

پروفيسر محبوب چنه جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”سردار قلندر“ مطابق قلندر شهباز طريقت جي ان سلسلي جو سرواڻ آهي، جنهن ۾ اويس قرني، شمس تبريزي، مولانا رومي، فخرالدين عراقي، بوعلي قلندر، حافظ شيرازي ۽ ٻيون اهم شخصيتون شامل آهن.

قلندر شهباز ڪي سنڌ ۾ تصوف جو باني چيو وڃي ٿو. پاڻ عربي، فارسي، ترڪي، هندي، سنسڪرتي، سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ ٻيون ٻوليون ڄاڻيندا هئا. عربي لسانيات تي سندن ڪتاب پڻ موجود آهن. تصوف ۾ قلندري سلسلي جا بنيادي اصول هي آهن:

(1) فقر: صوفين جي اٺن خاصيتن مان هيءَ هڪ اهم خاصيت آهي، جڏهن ته ٻين خاصيتن ۾ سخاوت، حضرت ابراهيم ع سان رضا، حضرت اسماعيل ع سان صبر، حضرت ايوب ع سان رمزون، حضرت ذڪريا ع سان غربت، حضرت يحيٰ ع سان گودڙي يعني لباس، حضرت موسيٰ ع سان ۽ سياحت حضرت عيسيٰ ع سان جڙيل آهن. فقر جي وصف بيان ڪندي چيو ويندو آهي ته، ”الفقير لا محتاج الاهو“ يعني فقير الله تعاليٰ کانسواءِ ڪنهن جو به محتاج نه هوندو آهي. فقير دنيا ۽ ان جي سمورن تعلقاتن کي ترڪ ڪندڙ ”ترڪ دنيا وما فيها“ هوندو آهي. فقير ۽ مسڪين ۾ فرق هي آهي ته، فقير تارڪ مال هوندو آهي، جڏهن ته مسڪين صاحبِ مال هوندو آهي. فقير وٽ هڪ وقت جي مانيءَ کان وڌيڪ ڪجهه به نه هوندو آهي ۽ فقير رات جو دلا ۽ مٽ اونڌا ڪري ڇڏيندا آهن، جڏهن ته مسڪين وٽ هڪ وقت جي مانيءَ کان وڌيڪ مال هوندو آهي. فقير جي ظاهري غذا اها ئي هوندي آهي، جيڪا ڪيس ملي وڃي. لباس اهو ئي هوندو آهي جنهن سان ستر پوشي ٿي وڃي ۽ گهر اهو ئي هوندو آهي، جتي به رهائش ٿئي. جڏهن ته سندن باطني غذا وجد هوندو آهي. باطني لباس تقويٰ ۽ باطني گهر غيب ئي هوندو آهي.

(2) رقص ۽ سماع: قلندري طريقت ۾ رقص ۽ سماع جو شاعراڻو اظهار هن طرح ڪيو ويو آهي ته:

نمی دانم کہ آخر چوں دمِ دیدار می رقصم
مگر نازم بہ ایں ذوقے کہ پیشِ یار می رقصم

رقص ۽ سماع روحاني ضرورت آهن، جن سان وجد پيدا ٿئي ٿو. عربيءَ ۾ چوڻي آهي ته، ”الغنا الغذاء الروح“ يعني راڳ روح جي غذا آهي. ساڳي طرح مولانا روميءَ جو به اهڙي قسم جو شاعراڻو اظهار آهي ته:

نہ من بیہودہ گرد کوچہ و بازار می گردم،
مذاق عاشقة دارم پہ دلدار مہ گردم

(3) حقيقت جو سنگم: حقيقت جي سنگم جي معنيٰ آهي، سموري انسانيت کي هڪ جسم جيان سمجهندي صلح ڪل جو پيغام ڏيڻ. قلندري طريقت هر قوم ۽ هر مذهب کي ملائي سيني کي اهڙي طرح روحاني فيض پهچائي ٿي، جهڙي طرح سج، چنڊ، هوا ۽ زمين سموري انسانيت کي فائدو پهچائين ٿا. همه گير ۽ آفاقي فڪر جي تبليغ جي حوالي سان قلندر شهباز جي درگاهه سمورن مذهبن، عقيدن ۽ فرقن جي سنگم جو مظهر آهي، جتي محبت ئي محبت جو درس ملي ٿو. تنهنڪري اڏيري لعل جو اوتار سمجهندي هندو ڪيس جهولي لال پڻ چون ٿا ۽ ان محبت سان ئي عالمي امن، ترقي ۽ خوشحالي ماڻي سگهجي ٿي.


قلندري طريقت وارا ملامت تي ناراض ٿيڻ بجاءِ خوش ٿيندا آهن. ”اک التي ڏار، وئن التو عام سين.“ (يٿائي) جو اهو ئي مطلب آهي، تنهنڪري قلندري طريقت مطابق ملامت ئي قرب جي نشاني آهي. عام انسان جي فطرت آهي ته، هو پنهنجي غلطين ۾ به حسن ڏسندو آهي ۽ ڪنهن نه ڪنهن طريقي ۽ دليل سان انهن جي صحيح هئڻ جا ثبوت ڏيندو آهي. ملامتي طريقت وارا نه صرف پنهنجي غلطين جو اعتراف ڪندي پاڻ تي ملامت ڪندا آهن، پر هو پنهنجين نيڪين ۾ پڻ ڪميون ۽ ڪوتاهيون ظاهر ڪري انهن تي فخر ۽ غرور نه ڪندا آهن، ڇاڪاڻ ته جنهن تي ملامت ٿئي ٿي، اهو تڪبر ۽ وڏائي کان نجات حاصل ڪري عاجزي ۽ انڪساري جهڙين صفتن سان سرشار ٿئي ٿو. هن طريقت وارا جڏهن ڪا بدي ڪن ٿا ته، نفس لوامه تحت ان تي افسوس ڪن ٿا ۽ جيڪڏهن نيڪي ڪن ٿا ته ان ۾ پڻ ڪمي ڪوتاهي تحت پاڻ تي ملامت ڪن ٿا. ملامتي اصول مطابق جسماني سونهن جي نشانين تي ڌيان ڏيڻ بدران وار ڪوڙائڻ ۽ اهڙو ويس پائڻ ۽ انداز رکڻ جيئن ڪير به ڪين ڏسي ئي نه. داتا گنج بخش پنهجي مشهور ڪتاب ”ڪشف المحجوب“ ۾ ملامت جا ٽي قسم بيان ڪيا آهن: پهريون قسم هي آهي ته، سڌو هلجي، ٻيو قسم آهي ته، قصد ڪجي ۽ ٽيون قسم آهي ته، ترڪ ڪجي.

مٿين بنيادي اصولن سان گڏ قلندر جي طريقت ۾ گلوبند يعني اهي پٿر پڻ اچي وڃن ٿا، جيڪي سندن ڳچي ۾ ٻڌل هوندا هئا. هڪ روايت مطابق قلندر جي درگاهه جي سيراندي کان پڻ هڪ گلوبند ٻڌل آهي.

استاد بخاري قلندر لال شهباز سان عقيدت بيان ڪندي چوي ٿو ته:

مونکي ڪٿي ڇڄي ته عقيدو آهي،
هن خاڪ جو ڇا شان ۽ رتبو آهي،
دنيا ۾ قلندر ٿا اڍائي ڳڻجن،
ڪيڏو نه وڏو سنڌ جو حصو آهي. ■

جنم: 23 آگسٽ 1970
لاڏاڻو: 14 فيبروري 2025
(عمر 55 سال)



## هڪ استاد جي پنهنجي شاگرد بابت راءِ

# هُو فقيريءَ ۾ ڳوٺ جو بادشاهه هئو



### علي مردان پيرزادو

’روءِ راڻي جي ناهه ڪو سوڍو سين سونهن‘ (ڀٽائي)

ڊاڪٽر پرويز پيرزادي جي اوچتي ٿيل وڇوڙي جيءَ جهوري وڌو آهي. پرويز اسانجي اکين آڏو ننڍي مان وڏو ٿيو. والدين جو سڪيلڌو، سهڻو ٻار، جڏهن گهر کان ٻاهر گهٽي يا اسڪول لاءِ نڪرندو هو ته ڳوٺ جا ماڻهوَ ڪيس بيهي ڏسندا هئا. اسڪول ۾ سڀني استادن ۽ شاگردن جي نگاهن جو مرڪز رهيو.

ٻين شاگردن جي ڀيٽ ۾ هي هڪ الڳ ٻار هئو. سندس والدين هن جي اهڙي تربيت ڪئي جو هيءُ سموري ڳوٺ ۾ منفرد حيثيت اختيار ڪري ويو هو.

مان سندس شروعاتي تعليم کان هن جو استاد رهيس. هيءُ انهن شاگردن مان هئو، جن جو تمام گهڻو احترام ڪيو ويندو هو.

پرويز جڏهن جوانيءَ کي پهتو ته ڳوٺ جي ترقي پسند شعور خاص طور انور پيرزادي صاحب ۽ سندس ڀاءُ شاهه محمد پيرزادي جي صحبت جو مٿس گهڻو اثر ٿيو، ان ڪري هن انور صاحب جي ڇڏيل مشن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڳوٺ جي سنڌي ادبي سنگت ۽ ڳوٺ سڌار سنگت کي سرگرم ڪرڻ سان گڏ ڳوٺ جي غريب ماڻهن لاءِ پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو. ٿوري وقت اندر هيءُ ڳوٺ وارن جي لاءِ هڪ رهنما جي حيثيت اختيار ڪري ويو. ڳوٺ جا سمورا بيوس ۽ بيمار ماڻهو هن ڏانهن نهاريندا ها، ڪيس پنهنجو مسيحا سمجهندا هئا ۽ سڀ ساڻس پنهنجا ڏک سور ونڊيندا ها ــ ۽ هي سندن درد دور ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽائيندو هو.

اج به ڪيترا ادارا ۽ اسڪول سندس مدد سان هلن پيا.

پرويز ڳوٺ جو هڪ اهڙو بادشاهه هو، جنهن فقيريءَ ۾ وڏا ڪم ڪري ڏيکاريا.

### ادل سومرو

ڊاڪٽر پرويز پيرزادي جهڙومحبتي ۽ دلبر انسان به ائين اوچتو هليو ويو. گڏريل انور پيرزادو ميلي تي سنڌس جاءِ تي گڏجي ماني کاڌي هئي ۽ زبردست ڪچهري ڪئي هئي.

”ڇا آهي انسان
اک ٻوٽي جڳ ٻوٽيو.“ (شيخ اياز)

### ليلا رام

اسان جو دوست ۽ ساٿي ڊاڪٽر پرويز پيرزادو لاڏاڻو ڪري ويو. ڇرڪائيندڙ ـ ويساهه ۾ ايندڙ خبر ـ غم ۽ نقصان ـ

نياڻن لاءِ رڪيل ڪجهه وعدا. بوٽ بيسن، ڪلفٽن تي ايندڙ آچر تي گڏجي ناشتو ڪرڻ جو ڪيل وعدو.

اهو سڀڪجهه رهجي ويو.

### سورج پليجو

ڊاڪٽر پرويز پيرزادو جي هن دنيا مان اوچتي لاڏاڻي جي خبر تي يقين نٿو اچي. اجان به ڏينهن پهرين، اربع 12 فيبروري2025 ع تي ادا پرويز مون سان واٽس ايپ تي منهنجي گهرَوارَي دامن جي سالگرهه جي تصوير شير ڪئي هئي، جيڪا يونيسيف آفيس ۾ ادا جن سان گڏجي سيليبريٽ ڪئي هئي. ڊاڪٽر پرويز، دامن جو ويجهو دوست ۽ colleague به هو. سندن اهميت اسان جي زندگيءَ ۾، پنهنجي ويجهي عزيز ۽ مائٽ کان وڌيڪ هئي.

پاڻ تعليم جي شعبي سان گڏوگڏ سدائين نيڪي ،سماجي ڀلائي ۽ خير وارن ڪمن ۾ به سرگرم رهيا. الله تعاليٰ کين جنت ۾ اوچو مقام نصيب فرمائي ۽ ادا جي گهروارن کي صبر عطا فرمائي. ■



ناليواري ڳائڻي سيف سميجي سان گڏ

## پرويز پيرزادي لنڪڊان تي پنهنجو تعارف هن طرح لکيو هو:

؟مان هڪ ڊويلپمينٽ پروفيشنل آهيان، جنهن وٽ ايجوڪيشن پراجيڪٽ مئنيجمينٽ، مانيٽرنگ ۽ ايووليوشن، تحقيق ۽ سکيا ڏيڻ جو 20 سالن کان مٿي جو تجربو آهي. مون آسٽريليا جي يو ٽي ايس (UTS)مان ايجوڪيشن ۾ ڊاڪٽوريٽ ڪئي آهي. مان ايجوڪيشن ۽ انٽرنيشنل ڊويپلمينٽ ۾، يو سي ايل (UCL)، لنڊن ۽ هيومن رائٽس اينڊ ڊيموڪرٽائيزيشن ۾ سڊني يونيورسٽي، آسٽريليا جون ڊگريون پڻ رکان ٿو.

”مون اهم آرگنائيزيشنس ۾ ڪم ڪيو آهي، جن ۾ يونيسيف، يو ايس ايڊ، آغا خان يونيورسٽي جو انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشنل ڊويلپمينٽ، ٽيچ فار پاڪستان ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن شامل آهن ـ ۽ تعليم جي ڪيترن ئي پروجيڪٽس ۾ به ڪم ڪيو آهي. مون ڪيترين سروزز انهن جي اثرن ۽ اووليوشن اسٽڊيز سان گڏ ٽريننگ ۾ فري لانس ڪنسلٽنٽ طور به ڪم ڪيو آهي.“ ■

## تنهنجي ويلنٽائين تنهنجو ڳوٺ هئو

### شاهه محمد پيرزادو



ٻه ڀائر ـ ٻه دوست ـ شاهه محمد پيرزادو ۽ پرويز پيرزادو

ڪيترا ماڻهو تا سمجهن ڪُوڙ آ
ڪيئن فرشتا، ٻونءِ تي ايندا لهي
هن رات ۾....
ڇا اهي توکي وٺڻ آيا هئا، ’سيوِن ڪزن‘* جيان
هن دفعي ڇا آسمانن جي آ ٿوئر..؟

ڪيترا ماڻهو تا سمجهن ڀوڳ آ،
ڪا به ويلنٽائين ڪونهي...
يا وري سڀ سچ آهي ـ
ٻيا سڀ تا ملهائين ڪُوڙ جو ويلنٽائين،
پر تون رومانٽيڪ آن حقيقي
ڪيئن وڃي پنهنجي ويلنٽائين سان ملين....
ڪيترا ماڻهو تا سمجهن ڪا سماجي ڪانهي خدمت
پر مفاد آ ذاتي سڀ جو،
هاڻي ڇا سڀني کي پوندي هيءَ خبر

تو ته پنهنجي زال ۽ هڪ پٽ لاءِ
پينشن واري نوڪري ٻي ڪانه ڪئي...
تون بس پورو جيئين حاضر جي وهندڙ
وقت جي درياهه ۾...

ڇا اهي سڀ هٽ هٽندا
جيڪي توکي لالچي چوندا هئا،
يا اهي هاڻي وري
ڏوڙ وارن ۾ پريندا...

تنهنجي ويلنٽائين تنهنجو ڳوٺ هئو
بابي امان وارو اڱڻ هئو آسمان تنهنجو،
تو سفر پورو ڪيو... ■

# روس ۽ يوڪرين ۾ جنگبندي لاءِ پيوٽن ۽ ٽرمپ سعودي عرب ۾ ڳالهيون ڪندا؟



الهه بخش راٺوڙ

ٽن سالن تائين روس ۽ يوڪرين جي وچ ۾ هلندڙ جنگ هاڻ امن ـ ٺاهه طرف وڪون کڻي رهي آهي. امڪان آهي ته روسي صدر پيوٽن ۽ آمريڪي صدر ٽرمپ ڪنهن ٽئين جاءِ تي امن معاهدي لاءِ ڳالهيون ڪندا، ۽ هن ڀيري اهي ڳالهيون سعودي عرب جي وليعهد محمد بن سلمان جي ميزباني هيٺ ٿينديون، جيڪا ڳالهه ڪيترن ئي عالمي ڪيڏارين لاءِ حيران ڪندڙ به آهي.

جيڪڏهن روس ۽ آمريڪا وچ ۾ يوڪرين واري جنگ بند ڪرڻ تي اتفاق ٿي وڃي ٿو ته ان جي گهڻي مخالفت يورپي ملڪ ڪري سگهن ٿا، جن نه صرف ان ٺاهه ۾ شامل نه ٿيڻ جو اشارو ڏنو آهي، پر يوڪرين تي به دٻاءُ وڌو پيو وڃي ته، اهو هي چئي انڪار ڪري ته، ”جيستائين صدر زيلنسڪي کي اهم ذر طور شامل نه ڪيو ويندو، تيستائين ڪو به امن ٺاهه قبول نه ڪيو ويندو.“ ٽرمپ پهريان ئي چئي ڇڏيو آهي ته، روسي صدر پيوٽن سان جيڪو به ٺاهه ٿيو، ان ۾ يوڪرين جو صدر به برابر جو حصيدار هوندو. نيٽو، جيڪو هينئر به يوڪرين کي ڏٺو ڏئي رهيو آهي ته، يوڪرين کي ان جو حصو بڻايو ويندو، ان کي آمريڪي صدر واضح طور تي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته، يوڪرين کي نيٽو ۾ شامل ڪرڻ جو ڪو به امڪان ناهي.

صدر ٽرمپ جو چوڻ آهي ته، هن اڳوڻي جوبائيڊن انتظاميا جي پاليسيءَ کي مڪمل طور تي تبديل ڪري ڇڏيو آهي، انڪري يوڪرين ۾ امن جا امڪان وڌيڪ پيدا ٿيا آهن. جنهن وقت ٽرمپ ۽ پيوٽن هڪ ڪلاڪ تائين فون تي ڳالهيون ڪيون. ان وقت هنن واضح طور تي چيو ته، هو هر صورت ۾ يوڪرين ۾ جنگبندي چاهين ٿا. ان سان گڏ ٻنهي ملڪن ۾ لڳ لاڳاپا اعتماد وارا قائم ڪرڻ لاءِ روس پهرين مرحلي ۾ آمريڪي قيدي، جيڪي روس جي جيلن ۾ بند هئا، انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو. ان سان آمريڪا به ساڳيو ئي عمل ورجايو آهي. پر حيرت يورپي ملڪن تي آهي، جيڪي هينئر به صورتحال کي جيئن جو تيئن برقرار رکندي، يوڪرين ۾ جنگ جاري رکڻ لاءِ سازوسامان، يورو ۽ امداد فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ٽرمپ پرامن دنيا جي حق ۾ ڪيترو آهي؟ ان بابت ته شڪ ۽ شبها موجود آهن، پر هر ڪيس جو الڳ الڳ جائزو وٺي سگهجي ٿو.

**صدر ٽرمپ جو چوڻ آهي ته، هن اڳوڻي جوبائيڊن انتظاميا جي پاليسيءَ کي مڪمل طور تي تبديل ڪري ڇڏيو آهي، انڪري يوڪرين ۾ امن جا امڪان وڌيڪ پيدا ٿيا آهن. جنهن وقت ٽرمپ ۽ پيوٽن هڪ ڪلاڪ تائين فون تي ڳالهيون ڪيون. ان وقت هنن واضح طور تي چيو ته، هو هر صورت ۾ يوڪرين ۾ جنگبندي چاهين ٿا. ان سان گڏ ٻنهي ملڪن ۾ لڳ لاڳاپا اعتماد وارا قائم ڪرڻ لاءِ روس پهرين مرحلي ۾ آمريڪي قيدي، جيڪي روس جي جيلن ۾ بند هئا، انهن کي آزاد ڪري ڇڏيو.**



ٽرمپ جو چوڻ آهي ته، هن روسي صدر ڪانپوءِ يوڪرين جي صدر زيلنسڪي سان به فون تي ڳالهايو ۽ ڪيس خاطري ڪرائي ته ڪيس پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي. ڪيس اهم ڪيڏاري طور امن ڳالهين ۾ شامل ڪيو ويندو. بقول ٽرمپ جي ته آمريڪا امن چاهي ٿو. روس به ساڳئي سوچ رکي ٿوئي ساڳي پوزيشن زيلنسڪي جي به آهي. پيوٽن اوول آفيس ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته، ”منهنجي خيال ۾ روسي صدر پيوٽن امن چاهي ٿو. مون ڪان هن ڪان پهريان ڪنهن نه پڇيو ته، هو ڇا سوچي رهيو آهي؟ اسان ڏسون پيا ته، روزانو ماڻهو ماريا وڃن ٿا. مان روسي صدر پيوٽن سان مستقبل قريب ۾ ذاتي طور تي ملاقات ڪندس. اهو ممڪن آهي ته اسان سعودي عرب ۾ ملاقات ڪريون. سعودي عرب نيوٽرل ميدان آهي.“

اهو به وسارڻ نه گهرجي ته، محمد بن سلمان جي ٽرمپ سان ويجهڙائپ آهي ۽ هن جا پيوٽن سان به شاندار واسطا آهن، انڪري ٻنهي ڌرين کي سعودي عرب ۾ ملڻ ۾ ڪو به عيب محسوس نه ٿيندو. هونئن به سعودي عرب توڙي گڏيل عرب امارتن کي سفارتي زبان ۾ ”ٽرڊ پارٽيز“ سڏيو ويندو آهي، جيڪي ان نوعيت جون ٺياڪڙيون ڪندا رهندا آهن. ان ملاقات کي ايتري اهميت ڏني وڃي ٿي، جو ٽرمپ کي يقين آهي ته سعودي عرب ۾ آمريڪا ۽ روس ڪنهن امن ٺاهه تي اتفاق ڪري وٺندا. اهو ڪم جوبائيڊن انتظاميا ڪري نه سگهي. بائيڊن



هميشه چوندو رهيو ته، يوڪرين کي ڪنهن به فيصلي ۾ مڪمل حصيدار هئڻ گهرجي.

يوڪرين جي خواهشن تي آمريڪي پرڏيهي وزير پيٽ هيگسيٿ نيٽو هيڊڪوارٽرز تي پاڻي ڦيريندي چيو ته، ”يوڪرين کي اهو خواب ڏسڻ ڇڏي ڏيڻ گهرجن ته، ان کي نيٽو جي ميمبرشپ ملندي. اها ان جي غيرحقيقت پسندانڻي سوچ آهي.“ هينئر ٽرمپ به عالمي فورمس تي چئي رهيو آهي ته، يوڪرين جو نيٽو ۾ شامل ٿيڻ ناممڪن يا يقيني ناهي. شايد اهائي سچائي آهي. ٽرمپ جو اهو به چوڻ آهي ته، پيوٽن ڪان پهريان هن چيو هو ته اهو ممڪن ناهي ته، يوڪرين کي نيٽو جو حصو بڻايو وڃي. اها ڳالهه يوڪرين جي صدر سميت ڪيترن ئي ملڪن لاءِ مايوسيءَ جي ڳالهه هوندي، جن ان آسري تي جنگ جاري رکي ته نيٽو ۾ ڪين ميمبرشپ ملندي، جنهن سان انهن جي سيڪيورٽي يقيني ٿي ويندي. اهو ساڳيو سبب آهي، جو روس يوڪرين تي حملو ڪيو، جيئن اهو پنهنجين سرحدن تائين يورپي ملڪن ۽ آمريڪا کي پهچڻ نه ڏئي. بقول پيوٽن جي، جيڪڏهن يوڪرين نيٽو ۾ شامل ٿيو ۽ نيٽو فوج ان جي سرحدن ويجهو پهتي ته ان لاءِ ڪيترائي سلامتيءَ جا خطرا پيدا ٿي ويندا.

روسي حڪومت جي ترجمان دمتري پيسڪوف جو چوڻ آهي ته، آمريڪي صدر ٽرمپ ۽ پيوٽن ۾ ڪيترن ئي معاملن تي ڳالهيون ٿيون، جن ۾ وچ اوڀر، ايران ۽ ٻيا ملڪ شامل هئا، پر ڳالهين جو مرڪزي نقطو يوڪرين هو. ٽرمپ ترت امن قائم ڪرڻ ۽ جنگبندي تي زور ڀريو، پر پيوٽن واضح ڪيو ته جنگ جا بنيادي سبب ختم ڪرڻا پوندا. ڊگهي مدي واريون ڳالهيون جاري رهيون ته انهن جو ڪو نه ڪو نتيجو ضرور نڪرندو.

دنيا جي هنن ٻنهي وڏن ملڪن جي سربراهن جو ان ڳالهه تي اتفاق هو ته، عالمي امن لاءِ گڏجي ڪم ڪجي. ٻئي طرف يورپي يونين وري ٽرمپ، پيوٽن ڳالهين ۽ امن ٺاهه کي ”گندي سوچ“ قرار ڏنو ۽ چيو ته، اها غليظ راند آهي، جيڪا ٻئي ملڪ کيڏڻ چاهين ٿا. هن ڀيري آمريڪا چاهي ٿو ته، يوڪرين ۾ امن جي صورت ۾ ان جي معدني صنعت تائين رسائي ٿي سگهي ٿي. هي اصل ۾ ڪاروباري سودو آهي، جيڪو ٽرمپ ڪرڻ چاهي ٿو. ٽرمپ يوڪرين لاءِ امداد ان شرط تي جاري رکڻ چاهي ٿو، ته جيئن ڪيس يوڪرين جي تيل ۽ گيس تائين رسائي حاصل ٿي سگهي.

آمريڪي صدر، روس سان ڳالهين لاءِ ٽيم جو اعلان به ڪيو، جنهن ۾ صدر جو نمائندو ماڪو روبيو، سي آءِ اي جو ڊائريڪٽر جان رٽڪلف، قومي سلامتيءَ جو صلاحڪار مائيڪل والٽز ۽ وچ اوڀر جو خاص نمائندو اسٽيون وٽڪوف شامل هوندا.

يورپي يونين جي ملڪن کي اهو اندازو ئي ناهي ته، يوڪرين ۾ جنگ دوران ڪيترن مسئلن ڪر ڪنيو. جنگ جا اثر انتهائي ڏورس آهن. فيبروري 2022 کان روسي حملي ڪانپوءِ يوڪرين جو بنيادي ڍانچي، معيشت ۽ قومي استحڪام تي انتهائي اُگرا اثر پيا آهن. گڏيل قومن سميت ڪيترن ئي ادارن جنگ بابت انگ اکر گڏ ڪيا آهن، جن مطابق هيل تائين هزارين يوڪريني شهري توڙي فوجي موت جي راڪاس جي منهن ۾ هليا ويا ۽ لکين زخمي ٿيا آهن. جنگ دوران وڏو تعداد انهن متاثر ٿيل شهرين جو آهي، جيڪي جنگ کان متاثر علائقن ۾ هئا، جيڪي توپ خانن فضائي حملن ۾ جان جي بازي هارائي ويٺا. ان سان گڏ هزارين يوڪريني فوجي به آهن، جيڪي ماريا ويا آهن. جنگ دوران 80 لک شهري لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿيا، جيڪي مختلف ملڪن ڏانهن هليا ويا يا وري پنهنجن ئي پرامن علائقن ۾ رهائش اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيا.

هن جنگ جا يوڪريني آبادي تي انتهائي گهرا نفسياتي اثر به ٿيا آهن. لکين شهري ذهني بيمارين کي منهن ڏئي رهيا آهن. جنگ سبب شهري علائقا گهڻا متاثر ٿيا آهن، جن ۾ ڪيف، خارڪيف، ماريوپول ۽ ٻيا شامل آهن. جنگ ۾ هزارين عمارتون، جن ۾ رهائشي علائقا ۽ تاريخي ۽ ثقافتي ماڳ شامل آهن سي الڳ تباهه ٿيا آهن. يوڪرين جي معاشي حالت ايتري خراب ٿي آهي جو 2022 جي پيٽ ۾ ان جي مجموعي گهرو پيداوار ۾ 30 کان 40 سيڪڙو گهٽتائي ٿي وئي آهي. ملڪي صنعتون به ٺپ ٿي ويون آهن، ايستائين جو يوڪرين جيڪو سستي ڪڻڪ ۽ ٻيون شيون تيار ڪري يورپ کي وڪرو ڪندو هو، اهو قدرتي گيس ايڪسپورٽ ڪندڙ اهم ملڪ هو، پر ان جو اهو سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو. هاڻ يوڪرين کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ صديون لڳنديون. ■

# غزه ۾ عارضي امن ۽ ٽرمپ جي بيان تي ڪاوڙ واري ڪيفيت برقرار

آمريڪي صدر جي اسرائيل جي حق ۾ ۽ فلسطينين کي پنهنجي ڌرتي ڇڏڻ واري منصوبي تي وچ اوير ۾ تاءَ واري ڪيفيت برقرار آهي. دنيا جو شايد ڪو ملڪ هجي، جيڪو ٽرمپ جي تجويز کي درست سمجهندو هجي. تاريخي طور تي هيءَ فلسطينين توڙي يهودين جي ڌرتي آهي، انڪري ڪابه ڌر ٻئي کي بيدخل ڪري نٿي سگهي. ٻنهي ڌرين جي تاريخي حيثيت کي قبول ڪندي ٻه رياستي حل واري تجويز کي قبول ڪيو ويو، جنهن تان اسرائيل ڦري ويو آهي.



فوٽو السٽريشن نيوزويڪ ۽ گيٽي اميجز جي ٿون سان

حماس ۽ اسرائيل جي وچ ۾ امن ڳالهيون ته برقرار آهن ۽ ٻئي ڌريون يرغمالين کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ان ناهه تحت حماس ڇهن اسرائيلي فوجي عورتن کي آزاد ڪيو، ان جي جواب ۾ اسرائيل وري 369 فلسطيني شهرين کي جيلن مان آزاد ڪيو. شهرين جي آزاديءَ واري متاستا جو عمل جاري رهڻ جي باوجود امن جو پڪي خطري هيٺ آهي، ڇاڪاڻ ته اسرائيلي فوج هينئر به حملا ڪري رهي آهي. هينئر سعودي عرب، مصر ۽ اردن آمريڪي منصوبن جي مخالفت ۾ اڳيان اڳيان آهن. اسرائيلي وزير اعظم نيتن ياهو جي هن بيان: "فلسطينين کي الڳ ملڪ ٺاهي ڏيڻ لاءِ سعودي عرب کي پنهنجي زمين ڏيڻ گهرجي،" سعودي عرب کي وڏيڪ ڪاوڙايو ۽ نيتن ياهوءَ کي بيوقوف قرار ڏنو. آمريڪي صدر ٽرمپ به مصر توڙي اردن کي فلسطينين کي آباد ڪرڻ واري معاملي تي جيڪو بيان ڏنو، ان تي ڪاوڙ جو اظهار ڪري رهيا آهن.

هينئر غزه جي صورتحال ڪنهن حد تائين بهتر آهي. فلسطيني مختلف ملڪن کان پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ ڏانهن موٽ ڪائي رهيا آهن، پر ڊپ جي ڪيفيت به ڇانيل آهي ته، ڪٿي امن ناهه ختم نه ٿي وڃي ۽ اسرائيل هڪ ڀيرو ٻيهر وحشياڻا حملا شروع نه ڪري ڏئي.

آمريڪي صدر جي اسرائيل جي حق ۾ ۽ فلسطينين کي پنهنجي ڌرتي ڇڏڻ واري منصوبي تي وچ اوير ۾ تاءَ واري ڪيفيت برقرار آهي. دنيا جو شايد ڪو ملڪ هجي، جيڪو ٽرمپ جي تجويز کي درست سمجهندو هجي. تاريخي طور تي هيءَ فلسطينين توڙي يهودين جي ڌرتي آهي، انڪري ڪابه ڌر ٻئي کي بيدخل ڪري نٿي سگهي. ٻنهي ڌرين جي تاريخي حيثيت کي قبول ڪندي ٻه رياستي حل واري تجويز کي قبول ڪيو ويو، جنهن تان اسرائيل ڦري ويو آهي. اسرائيل جو چوڻ آهي ته جيستائين فلسطيني هنن جي پاڙي ۾ هوندا، ڪين خطرو برقرار رهندو. سعودي عرب ۽ ٻيا ملڪ ابراهيمي معاهدي تي عمل ڪرڻ جا خواهشمند آهن، پر آمريڪي صدر ٽرمپ ٻرنديءَ تي تيل هاري رهيو آهي، انڪري خطي ۾ ڪنهن به وقت وڏي جنگ مُنهن ڪڍي سگهي ٿي.

غزه جي مستقبل جي حوالي سان واشنگٽن ۾ ٿن ٿنڪ ٽينڪس پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر فلسطينين ۽ يهودين جي رياست کي اٽٽر قرار ڏنو. انهن ماهرن جو واسطو سعودي عرب، مصر ۽ اردن سان هو. هنن جي گڏيل سوچ اها هئي ته، ٽرمپ جي بيانن وچ اوير جي تڪرار کي حل ڪرڻ بدران وڌيڪ خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. مصر جي ماهر امر حمزوي جو چوڻ هو ته، سندس ملڪ جي حڪومت اسرائيلي حڪومت ۽ ٽرمپ جي غزه مان فلسطينين کي بي گهر ڪرڻ جي منصوبن کي رد ڪيو آهي.

ٽرمپ جي تازي تجويز ته، آمريڪا غزه تي ڪنٽرول ڪري ۽ ان کي اقتصادي طور تي ترقي ڏئي، قاهره شديد ردعمل ڏئي چڪو آهي. مصري حڪومت آمريڪا اڳيان واضح ڪيو آهي ته فلسطينين کي بي گهر ڪرڻ ۽ الحاق جا منصوبا 1979 ۾ آمريڪي سرپرستي ۾ مصر، اسرائيل امن معاهدي جي ڀڃڪڙي آهي. ان سان مصر ۽ اسرائيل جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپا داءَ تي لڳي سگهن ٿا.

اردن جي ماهر مرون معشر جو چوڻ آهي ته، اسان پهريان ئي ان منصوبي کي رد ڪري چڪا آهيون. فلسطينين کي مصر توڙي اردن ۾ منتقل ڪري نٿو سگهجي. سيپٽمبر 2024 ۾ اردن جي پرڏيهي وزير واضح طور تي چيو هو ته، فلسطينين کي اردن ۾ زبردستي منتقل ڪرڻ جي ڪوشش جنگ جو اعلان هوندو. جيڪا اردني ۽ اسرائيلي امن ناهه جي ڀڃڪڙي هوندي. شاهه عبدالله وائيٽ هائوس جي دوري دوران واضح ڪري ڇڏيو ته، اهو غزه جي عوام کي بيدخل ڪرڻ جي ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪندو.

سعودي عرب جو موقف آهي ته، جيستائين امن ناهه جي ڀڃڪڙي ڪندي ٻه رياستي حل کي تسليم نه ڪيو ويو ته، سعودي عرب، آمريڪا سان ايٽمي معاهدي جي پيروي نه ڪندو. سعودي عرب جي تجزئي نگارن ٽرمپ جي ڪمزور پرڏيهي پاليسي کي آمريڪا جي سيڪيورٽي پارٽنر جي طور تي اعتبار جي باري ۾ خدشن سان جوڙيو آهي. هاڻ هي امڪان آهن ته حماس ۽ اسرائيل ۾ امن معاهدو برقرار رهي، جنهن سان علائقي تي هاڪاري اثر پوندا. آمريڪا چاهي ٿو ته اهو اهڙي ڪيفيت پيدا ڪري جيئن غزه خالي ڪري ويل فلسطيني گهٽ تعداد ۾ واپس ورن، جيئن اسرائيل علائقي تي ڪنٽرول برقرار رکي سگهي. ■



دنيا ۾ بدترين ظلم جو شڪار مظلوم فلسطيني

### ”سمجهه“ جي سپليمينٽ پرسڪرائب ڪندڙ ڊاڪٽر شاعر: زيد پيرزادو

# هيءَ شاعري الٽو هلندي سڌو ڏسندڙ شخص جا ويچار آهي

ڊاڪٽر زيد پيرزادو ذاتي مشاهدي ۾ آيل المين ۽ لقائن کي نئين انداز سان ڏسي انهن جو اُلٽو ۽ عڪس به نئين ۽ نڪور انداز ۾ ڪري ٿو. هو انهن المياتي گهڙين ۾ احساساتي سطح تائين پنهنجي اخلاقي ساٿ جو يقين ڏياري ٿو. هڪ شاعر اهو ئي ڪري سگهي ٿو، ۽ ڪنهن جي ساٿ ۽ دلجوئيءَ کان ڪا وڏي آٿت ٿي نٿي سگهي، جيڪا اندران ڀڳل وجود کي ڳنڍڻ، متحد ۽ مضبوط ڪرڻ جي وڏي ڪوشش چئبي آهي.



ڊاڪٽر جاويد شيخ

زيد پيرزادي جي پهرين شعري مجموعي جو نالو ”خيال“ آهي. خيال: سَمجهه/ ادراڪ جو خام مال آهي، جيڪو ٻئي مرحلي ۾ تخليقي روپ وٺندو آهي. زيد تخليقي سفر ۾ آهستي آهستي اڳتي وڌڻ جو وجهه ڳولهيندو آهي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي ”خيال“ کي ”سمجهه“ تائين نهايت خوبصورتي سان پهچايو آهي. هن شعري مجموعي ۾ سَڀ ڪجهه نئون آهي. عڪس، آئيڊياز، موضوع، پيشڪش، خيال، فڪر، جمال، تاجي پيٽو، ائين ڪٿي چئجي ته ڪا شيءِ پراڻي ناهي. سَڀ ڪجهه نئون آهي. هو پنهنجي دور جي حقيقت، سچائي ائين ڪٿي چئجي ته سماجي ماحول ۽ موجودات جو ترجمان آهي. هو ماضيءَ جو مجاور نه پر نئين زماني جو نقاش آهي.

جيئن مون مٿي عرض ڪيو ته، زيد وقت ۽ حالتن جو Accurate ادراڪ رکي انهن کي شعري روپ عطا ڪري ٿو. هُن قديم ۽ ڪلاسڪ فڪري اصطلاح ”ٻڌي ڪرڻ“ کي بيڪٽريا ۽ وائرس مان نڪور مثال ڏئي جديد انداز سان، نئين فڪري فريگرينسي سان پيش ڪيو آهي، جنهن جو ڪو جواب ئي ناهي! هي اصطلاح ”ٻه ته ٻارهَن، ڪان ويندي ”پسو پڪيئڙن...“ تائين ٻڌيءَ کي هر شاعر پنهنجي پنهنجي اسلوب سان اظهاريو آهي، پر زيد وارو پيشڪشي انداز ٻئي ڪنهن جي شعري ميراث بڻجي نه ٿو سگهي. هو ان نظم (ٻڌي) ۾ چوي ٿو:

بيڪٽريا ۽ وائرس
ايترا ته ننڍا هوندا آهن
نظر به نه ايندا آهن
پر ٻڌي ڪندا آهن
ماڻهو ماري وجهندا آهن.

زيد وٽ انساني همدرديءَ وارا احساس به انوکي نموني اظهاريل آهن. هو ڪنهن به رشتي ناتي لاءِ احساس جي شدت کي پيار جو نالو ڏئي ۽ ”پيار ڇا آهي؟“ جهڙو نظم سرجي ٿو، جنهن جو تاجو پيٽو انساني ۽ حيواني همدردي ۽ ماحول دوستيءَ وارو آهي.

”ڪنهن کي تڪليف ۾ ڏسي
پاڻ تڪليف محسوس ڪرڻ
پيار ئي ته آهي!
ٻوٽن جي اڃ محسوس ڪرڻ
ٻليءَ جي موت تي روئي ڏيڻ
پيار ئي ته آهي “!

ادبي نقاد، ڪنهن تخليق، تحرير جي خوبين خامين جي فنائتي نموني سان پرک يا مٿس نڪته چيني ڪندو آهي، پر هِڪ شاعر سماجي نقاد ٿئي ٿو، جيڪو فردن جي روين جي نفسيات کي دانشوراڻي انداز ۾ ظاهر ڪري انهن جي ڇڳاين لڱاين کي پنهنجي تخليقن جي زينت بڻائيندو آهي، ته جيئن نئون پراڻو نسل موجوده سماجي صورتحال کان واقف ٿئي، ته ذرتيءَ تي ڇا پيو ٿئي ۽ ڇا پيو وهي واپري. ان ڏس ۾ هن جو نثري نظم ”نجي حڪومتون“ اونداهي سماج جي لڪل ڇهري تان ٻوٿاڙو (Mask) لاهي جڳ کي ڏيکاري ٿو، ته پاڻ وٽ هي ٿي رهيو آهي. هي سمورو نظم ڪوٽ ڪرڻ جهڙو آهي، پر ان جا ٻه بند مثال لاءِ پيش ڪجن ٿا :

”فائيل اڳتي ڪري
يا رهندو پوئتي
سرڪاري ڪلرڪ جي مرضي.“

هر ماڻهو بادشاهه بڻيو ويٺو آهي. نجي حڪومتون هر هنڌ قائم آهن. صحيح غذا نه ملندڙ ڪائيندڙ کي Food Supplement وٺڻي پوندي آهي، پر ذهني بيماريءَ ۾ مبتلا معذور ۽ ڪمزور کي ڪنهن نفسياتي ويج وٽ وڃي وڃڻو پوندو آهي، پر زيد پيرزادي ٽين جنس لاءِ جيڪا صالح سوچ نثري نظم بعنوان ”ٽين جنس“ ۾ ڏيکاري آهي، انهيءَ سوچ ۽ خيال جي تخليقي جوهر ۾ انساني احساسن ۽ جذبن جو جُهرمُٽ هر پڙهندڙ جي طبيعت ۽ مزاج تي اثر انداز ٿيڻ جي صلاحيت رکي ٿو.






هن شاعريءَ جو فڪري موڊ گهڻي ڀاڱي غمِ دوران لاءِ فڪرمنديءَ وارو آهي. سندس هر نثري نظم ڄڻ سمجهه جي سپليمينٽ پرسڪرائب ڪري عام ماڻهو جي اهنجن ۾ اٽڪيل حيات کي آجپو آڇي بامقصد بڻائڻ جي هڪڙي ڪوشش، هڪڙو قدم آهي. هونئن ته ڪيس دور جي غم جا ڪيترائي گهاءَ لڳل آهن، پر ”هَٿَ جي وڍي“ نظم وارو احساساتي گهاءُ گهڻو متاثر ڪندڙ آهي. نظم ۾ هٿ جي وڍيءَ جون هڪ ڪان وڌيڪ وارداتون درج ٿيل آهن.

”ٻيلا به وڍجن
وري گرمي جون دانهون به ڪجن!
ووٽ به ٻي سمجهجيءَ سان ڏجي
وري ترقي نه ٿيڻ تي مٿو به پٽجي.“

ڊاڪٽر زيد پيرزادو ذاتي مشاهدي ۾ آيل المين ۽ لڪائن کي نئين انداز سان ڏسي انهن جو اُلٽو ۽ عڪس به نئين ۽ نڪور انداز ۾ ڪري ٿو. هو انهن المياتي گهڙين ۾ احساساتي سطح تائين پنهنجي اخلاقي ساٿ جو يقين ڏياري ٿو. هڪ شاعر اهو ئي ڪري سگهي ٿو، ۽ ڪنهن جي ساٿ ۽ دلجوئيءَ کان ڪا وڏي آٿت ٿي نٿي سگهي، جيڪا اندران ڀڳل وجود کي ڳنڍڻ، متحد ۽ مضبوط ڪرڻ جي وڏي ڪوشش چئبي آهي. نظم ”نيون خبرون“ نت نون استعارن سان نئين صبح جي جهڙوڪر انتظار جهڙو آهي.

”جيڪر ڪو ڏينهن اهڙو اچي
ڪا اخبار اهڙي آڻي
نيون خبرون جنهن ۾ هجن
دهشتگرديءَ کي بم سان اڏايو ويو
جنگ اغوا ٿي وئي.....“

شاعر فلسفي به هوندو آهي، جيڪو انساني اندر جي وَسيع ۽ رنگين ڪائنات جي رازن ۽ اسرارن جي کوج لڳائيندو آهي. زيد جا انيڪ خيال سندس نظرياتي روپ رکندڙ آهن، جن کي محسوساتي من ۽ اکيون ڏسي سگهن ٿيون، عام ديدون نه !

”سوچ جي نظر“ نظم ۾ اکين بجاءِ سوچ جي اکين سان ڏسڻ واري نڪور ۽ فلسفياڻي ترڪيب خيال کي وڌيڪ وزندار بڻائي ٿي:

”اکيون نه آهن
ڏسنديون
سوچ ڏسندي آهي.“

هنن نثري نظمن ۾ رڳو مسئلن ۽ مامرن کي نشانبر ناهي ڪيو ويو، پر انهن جو حل به ڏسيو ويو آهي. ان ڏس ۾ هونئن ته ڪوڙ سارا نظم مثال لاءِ ملن ٿا، پر پاڻ في الحال ”ڇوٽڪارو“ نظم تي اڪتفا ڪريون ٿا، جنهن ۾ فقط احتجاج کي ئي ڇوٽڪاري/ انقلاب/ تبديليءَ جو سبب ڄاڻايو ويو آهي.(هن نظم جو عنوان فهرست ۾ ”چپ رهڻ“ لکيو ويو آهي):

جيل ۾ پيدا ٿيل ٻارَ آزاديءَ جي حق تان پاڻ کي دستبردار سمجهندو آهي ۽ جيل جي اندرين دنيا ئي سندس ڪُل ڪائنات هوندي آهي. ”ڇوٽڪارو“ نظم پنهنجي فڪري جوهر ۾ زندگيءَ جي نجي جيل ۾ ڄاول ٻار کي جهڙوڪر آجپي جو حق ڏياري ٿو.

”چپ رهڻ
جا مشورا
چؤطرف
کان ملندا
پر
چپ رهڻ ۾
خيريت ناهي
احتجاج ۾ ئي ڇوٽڪارو آهي.“

زيد پيرزادي وٽ سوچ ۽ سمجهه جو جدارو ڏِڱ ۽ نئون انداز آهي. هو عام خلق وانگر نٿو ڏسي. هو سنئون سڌو هلندي به الٽو ڏسي ٿو، سندس شاعري الٽو هلندي سڌو ڏسندڙ شخص جا ويچار آهي!! سندس هر نظم نئين ڄاول ٻارَ جيئان معصوم ۽ فڪري مرڪ رکندڙ آهي. هو پنهنجي تخليق ۾ واقعي لطيفي فڪر ”اک الٽي ڏار“ واري فلسفي جو حق ادا ڪري ٿو. هو سِڌو نظر ايندڙ سماج کي اُلٽو ڪري ڏسي ٿو، ته اُڇا ڪارا پڌرا ٿي پون ٿا. هو لوڪ جي تقليد ۽ پيروي ڪرڻ بجاءِ چيل ڳالهين جي پسمنظر تائين پهچڻ جي ڳالهه پنهنجي نثري نظم ”نئون دور_ نوان مطلب“ ۾ نهايت حڪمت ۽ دانشمنديءَ سان ڪري ٿو. هيءُ نظم شاهه لطيف جي اڳ ذڪر ڪيل بيت ”اک الٽي ڏار“ جو جهڙوڪر ٻيو فڪري جنم آهي، جنهن کي جديديت پڄاڻا دور جي پذيرائي حاصل آهي.

”جڏهن ڪوئي چوي
بي فڪر ٿي وڃو
ته فڪر وڌيڪ ڪرڻ لڳي وڃو!
جڏهن ڪير قسم کڻي
ته اعتبار ڪرڻ بابت سوچي وٺو!
جڏهن ڪير چوي مصروف آهيان
مطلب اوهان لاءِ وقت نه اٿس.“

هنن نثري نظمن جي ٻولي سادي، عام فهم ۽ سَهَل آهي، جنهن جا احساس انساني حقن جا ترجمان چئي سگهجن ٿا. هيءَ شاعري انساني نفسيات جو احاطو به ڪري ٿي ۽ ڪرداري چال چلت جو پوسٽ مارٽم به ڪري ٿي. هُن جا نظم ديس/ سماج ۾ وهندڙ الٽي گنگا جي گيج ريڊنگ ڪندا رهن ٿا. ظلم، زيادتين، ناجائزين ۽ پيڙائن جو پاڻي ڪيتري حَدَ اورانگهي چڪو آهي يا اڃان اورانگهيندو؟ ڪيترو نقصان ٿي چڪو آهي يا اڃان ڪيترو ڪندو؟ اهڙي صورتحال کان اسان کي واقف ڪندو رهي ٿو. هي نظم فالج زده احساسن جي فزيوٿراپي ڪري سگهن ٿا. ■

# پاڪستان ۾ ڊجيٽلائيزيشن



الطاف ابڙو

**گذريل سال دوران مختلف سرڪاري خدمتن کي ڊجيٽل پليٽ فارمز تي منتقل ڪرڻ، عدالتي ڪارروائين ۾ وڊيو لنڪ جو استعمال ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن شعبي ۾ سيڙپڪاريءَ ۾ واڌ جهڙا قدم خوش آئندھ آهن. خاص طور تي 86 سيڪڙو رقم منتقليءَ جو عمل ڊجيٽل ذريعن سان ٿيڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو تہ پاڪستان مالي شعبي ۾ ڊجيٽلائيزيشن جا اهم مرحلا طئي ڪري رهيو آهي.**

پاڪستان جي ڊجيٽل ٽرانسفارميشن جي تازي صورتحال امید افزا تصوير پيش ڪري ٿي، پر ساڳئي وقت ان عمل ۾ درپيش رڪاوٽون ۽ چئلينجز بہ نمايان آهن. غير سرڪاري رپورٽن موجب، پاڪستان انهن چند ملڪن مان هڪ بڻجي چڪو آهي، جتي ڊجيٽل تبديليءَ جو عمل تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو آهي. انٽرنيٽ استعمال ڪندڙن جي وڌندڙ تعداد، سرڪاري خدمتن جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ مالي شعبي ۾ ڊجيٽل ٽرانزيڪشنز جي واڌاري مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڪستان ڊجيٽل معيشت ڏانهن هڪ اهم قدم کڻي رهيو آهي.

ڊجيٽل نيشن پاڪستان بل ۽ حڪومت جا پيا ڊجيٽلائيزيشن جا قدم ان ڳالهه جو ثبوت آهن تہ پاڪستان ڊجيٽل حقن ۽ سهولتن کي قانوني تحفظ ڏيڻ جي رستي تي گامزن آهي، پر ڊجيٽل رائٽس تنظيمن طرفان انهن قانونن جي ڪجهه شقن تي اعتراض ۽ پرسنل ڊيٽا پروٽيڪشن قانون جي غيرموجودگي، هن عمل جون ڪمزوريون ظاهر ڪن ٿيون. شهرين لاءِ ڊجيٽل حقن جي فراهمي تڏهن ئي ممڪن ٿيندي، جڏهن انهن جي پرائيويسي، اظهار جي آزادي، ۽ انٽرنيٽ تائين بي رڪاوٽ رسائي کي يقيني بڻايو ويندو.

گذريل سال دوران مختلف سرڪاري خدمتن کي ڊجيٽل پليٽ فارمز تي منتقل ڪرڻ، عدالتي ڪارروائين ۾ وڊيو لنڪ جو استعمال ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن شعبي ۾ سيڙپڪاريءَ ۾ واڌ جهڙا قدم خوش آئندھ آهن. خاص طور تي 86 سيڪڙو رقم منتقليءَ جو عمل ڊجيٽل ذريعن سان ٿيڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو تہ پاڪستان مالي شعبي ۾ ڊجيٽلائيزيشن جا اهم مرحلا طئي ڪري رهيو آهي.

هن ترقيءَ جي باوجود ڊجيٽل ٽرانسفارميشن جي عمل کي انٽرنيٽ جي بندش جهڙن مسئلن سان منهن ڏيڻو پيو. انٽرنيٽ جي بار بار معطلي ڊجيٽل ڪاروبار کي نقصان پهچايو. ان سان گڏ، مصنوعي ذهانت (AI) جهڙين جديد ٽيڪنالاجيز کي پاليسيءَ جو حصو بڻائڻ جا حڪومتي واعدا بہ اڃا تائين پورا نہ ٿي سگهيا آهن، جيڪو هن عمل جي سست رفتاري کي ظاهر ڪري ٿو.

ڊجيٽل ٽرانسفارميشن جي عمل کي پائيدار ۽ جامع بڻائڻ لاءِ ضروري آهي تہ، حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا ڪجهه هنن اهم قدمن تي ڌيان ڏين:


1 _ شهرين جي ڊجيٽل پرائيويسي جي قانوني تحفظ کي يقيني بڻائڻ لازمي آهي، تہ جيئن سندن بنيادي حق محفوظ رهن.

2 _انٽرنيٽ جي بندش کي روڪڻ لاءِ اثرائتيون پاليسيون جوڙڻ گهرجن، تہ جيئن ڊجيٽل معيشت جي ترقيءَ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ پيش نہ اچي.

3_ مصنوعي ذهانت (AI) کي قومي پاليسي جو مرڪزي حصو بڻائڻ، ڇاڪاڻ تہ AI جديد ٽيڪنالاجيءَ جو مستقبل آهي.

4_ عوامي شموليت کي يقيني بڻائڻ، تہ جيئن هي عمل صرف حڪومتي سطح تائين محدود نہ رهي، پر عام شهري بہ هن تبديليءَ مان فائدو وٺي سگهن.

اهي قدم نہ صرف پاڪستان جي ڊجيٽل ترقيءَ کي مستحڪم ڪندا، پر عالمي سطح تي بہ ان جي حيثيت کي مضبوط ڪندا.



تصوير گوگل تان ورتل

پاڪستان جي ڊجيٽل ٽرانسفارميشن جي موجوده رفتار امید افزا آهي، پر هي عمل بہ قدم اڳتي، هڪ قدم پوئتي جهڙو لڳي ٿو. جيستائين ڊجيٽل حقن، انٽرنيٽ جي بنا رڪاوٽ جي فراهمي ۽ مصنوعي ذهانت کي ترجيح ڏني ويندي تہ پاڪستان ڊجيٽل معيشت ۾ هڪ نمايان مقام حاصل ڪري سگهي ٿو. ٻي صورت ۾ هي عمل محدود ڪاميابين سان جاري رهندو. وقت جي ضرورت آهي تہ حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارا هن عمل کي سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌائن، تہ جيئن پاڪستان ڊجيٽل دنيا ۾ پنهنجي مستقل جاءِ ٺاهي سگهي. ■

---



# سنڌ جي مڪلي



عرفان منان

مڪلي تاريخي قبرستان آهي، جتي هر مزار تي اهڙي قسم جا نقش اُڪريل آهن، جو اهي ڏسي ماڻهو دنگ رهجي وڃي ٿو. هتي هزارين ان قسم جون قبرون آهن، جن تي اوائلي دور جا چِٽ چِٽيل آهن. ڪي اهڙيون بہ قبرون ۽ قبا آهن، جن کي وقت جو واءُ لٽي رهيو آهي، جنهن سبب اهي تاريخي ۽ گمنام قبرون روز ڦِٽنديون رهن ٿيون.



مڪلي هجي يا ٺٽو، اهي ٻئي شهر تاريخ ۾ وڏو مقام ۽ مقصد رکن ٿا. اهڙي ڳالهه جي شاهدي سنڌ جي اوائلي ۽ هاڻوڪي تاريخ دليلن سان ڏئي ٿي. ٺٽو تہ علم، ادب ۽ اتهاس جو مرڪز رهيو آهي. هن شهر ۾ ڪيتريون ئي تاريخون مدفون ٿيل آهن، جن تي لکجي تہ ڪيئي داستان جڙي سگهن ٿا. ٺٽو سنڌ جو اڳوڻو تختگاهہ رهيو آهي. ان مان ئي ان جي حيثيت جي خبر پوي ٿي. اهوئي سبب هيو جو دنيا جي هر ڦورو، لٽيري ۽ ڌاريي جي اک هن سهڻي ۽ سيبتي شهر تي هئي. ڪيترائي پيرا ڌارين جي لوڌ هٿان هي شهر باهہ جي وڏن مچن حوالي ٿي رک بنجي ويو.

هن شهر ۾ وڏي ۾ وڏا انساني الميا ٿيا، ڪيترائي ئي ڪونڌر وطن پرستي جي جرم ۾ ڪٺا ۽ ڪپيا ويا، پر هي شهر اڄ بہ پنهنجي پوري قدامت سان زندهہ آهي. جن جن رهزنن ۽ ظالمن هن شهر تي ظلم جا پهاڙ ڪيرايا، اهي اڄ گمنام بنجي وقت جي واري هيٺان دٻجي ويا. انهن پرمارن جي قبرن جون نيڪ طرح ڏس پتو ئي نٿو ملي. ساڳئي مڪلي جي مقام ۾ دولهہ دريا خان، ڄام نظام الدين سميت ٻين سوين هزارين ڌرتي جي سورهيہ پٽن جي مزارن تي ميڙا متل آهن. هر سنڌ واسي هتي اچي هنن عظيم جنگجوئن ۽ بهادرن جي مقبرن تي عقيدت ۽ احترام سان سيس نمائي سندن سورهيائي ۽ ڪوپائي جا سلام پيش ڪري ٿو. ■

# ٻارڙن مان گُم ٿيندڙ "ڌيان سان ٻُڌڻ" ۽ "خوشخطي" واريون صلاحيتون!

مون، اِهو مشاهدو ڪيو آهي ته گهر هجي يا اسڪول، ٻارڙن کان "ڌيان سان ٻُڌڻ" واري صلاحيت تيزيءَ سان ڇڏرائي پئي وڃي. مائٽن توڙي استادن کي رڳو اِهو فڪر هوندو آهي ته ٻار ڳالهائي ڇو نٿو؟ ٻار، خاموش ڇو آهي؟ جيتوڻيڪ خاموشي به وڏي معنيٰ رکي ٿي. ٻار کي اِهو سيڪاريو ئي نٿو وڃي ته ڌيان سان ڪيئن ٻُڌجي؟ جڏهن ته ڪنهن به ٻار لاءِ ڀهرين صلاحيت "ٻُڌڻ" هوندي آهي.





سرمد ڪوسو

دنيا جدت طرف تيزيءَ سان سفر ڪري رهي آهي. ڪيترين ئي نيون شيون ۽ روايتون اچي ويون آهن ۽ ڪيترين ئي شيون ۽ روايتون وقت سان گڏ ميسارجي رهيون آهن. هن ليک ذريعي منهنجي دل چوي ٿي ته: اوهان سان ڪجهه اهڙين صلاحيتن جو ذڪر ڪريان، جيڪي تيزيءَ سان گُم ٿي رهيون آهن. هڪ استاد توڙي شاگرد طور مون نوٽ ڪيو آهي ته، اڄ جي شاگردن ۽ ٻارڙن مان ڪيترين ئي انتهائي ڪارائتيون صلاحيتون گُم ٿي رهيون آهن يا ايئن چئجي ته انهن صلاحيتن کي هٿ وٺي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

مون، اِهو مشاهدو ڪيو آهي ته گهر هجي يا اسڪول، ٻارڙن کان "ڌيان سان ٻُڌڻ" واري صلاحيت تيزيءَ سان ڇڏرائي پئي وڃي. مائٽن توڙي استادن کي رڳو اِهو فڪر هوندو آهي ته ٻار ڳالهائي ڇو نٿو؟ ٻار، خاموش ڇو آهي؟ جيتوڻيڪ خاموشي به وڏي معنيٰ رکي ٿي. ٻار کي اِهو سيڪاريو ئي نٿو وڃي ته ڌيان سان ڪيئن ٻُڌجي؟ هونئن به ڪنهن به ٻار لاءِ ڀهرين صلاحيت "ٻُڌڻ" هوندي آهي، ڇو ته سڀ کان ڀهرين ٻُڌندو ته پوءِ اڳتي ڪم هلندو. ڪا به ڳالهه سِکڻ لاءِ سڀ کان ڀهرين ٻُڌڻ، پوءِ ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ واريون صلاحيتون اچي وڃن ٿيون. افسوس، جو ٻارڙن کي رڳو اِهو ٿو سيڪاريو وڃي ته ڳالهايو، بحث ڪريو، سوال پُڇو، انهن ڳالهين تي سمورو زور هوندو آهي. اِن طرف ڌيان ناهي هوندو آهي ته ڪنهن جي ڳالهه کي غور سان ٻُڌجي. ڪنهن جي ڳالهه کي اڌ ۾ نه ڪٽجي، سمجهه ۾ اچي وڃي ته هروڀرو نه ڳالهائجي، ڪنهن سان، ڪٿي، ڪيئن، ڪيترو ۽ ڪهڙي لهجي يا انداز ۾ ڳالهايو وڃي! اِهو ته سيڪاريو ئي نٿو وڃي.

رڳو ٻارڙا ئي نه پر وڏن کي به انهن ڳالهين جي خبر ناهي هوندي، پر جيئن ته ٻار سِکڻ جي مرحلي ۾ هوندا آهن ۽ سندن سامهون وڏي زندگي پئي آهي، ان ڪري انهن کي اِهي ڳالهيون سيکارڻ ضروري آهن.

ٻي جيڪا اهم صلاحيت گُم ٿي رهي آهي، سا "خوشخطي" آهي. ڪو وقت هوندو هو جو ٻارڙن جي هٿ اکرن کي سُڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرائبي هئي ۽ ٻار به وڏي شوق سان پنهنجي هٿ اکرن تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندا هئا. اسان پنهنجي شاگرديءَ واري وقت ۾ پين جي نِب کي ڪٽائي، پوءِ قلم جي صورت ۾ لکندا هئاسين ته جيئن اکر سهڻا ٿين. طرح طرح جون پينون خريد ڪبيون هيون. بهتر معيار جي مَس خريد ڪبي هئي. مهانگي ۽ اوچي پين خريد ڪرڻ فيشن هو. عيد توڙي ٻين موقعن تي تحفي ۾ پين ڏبي هئي. ڪاپين کي فيئر ڪري، سهڻي انداز ۾ لکبو هو. خوشخطي جا مقابلا ٿيندا هئا. اِن صلاحيت کي نظر ۾ رکندي ڪيترائي شاگرد اڳيان هلي فائين آرٽ ۾ وڃي، پينٽر، ڊزائينر، مصور ۽ آرٽسٽ ٿي ويندا هئا. انهن ٻارڙن ۾ تخليقي صلاحيتون به هٿي وٺنديون هيون. ساڳي طرح انهن ٻارڙن ۾ جمالياتي ذوق به عروج تي هوندو هو. هاڻي اِن طرف بلڪل به ڌيان ناهي. ڪٿي ڪٿي ڪي استاد، شاگرد، مائٽ توڙي اسڪول اِن طرف ڌيان ڏين ٿا، باقي اڪثر ٻارڙا موبائيل فون جي اثر ۾ اچي، انهن صلاحيتن کان بي خبر ٿي ويا آهن.



منهنجي خيال ۾ اِها وقت جي ضرورت آهي ته اِن طرف ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن اِهي گُم ٿيل صلاحيتون وري زنده ٿين. مونکي يقين آهي ته انهن صلاحيتن کي جيئارڻ سان ٻارڙن جي ذهن توڙي نفسيات ۽ مجموعي طور مزاج تي سُٺا اثر ٿيندا. ٻارڙا رنگن سان پيار ڪندا، موسيقي سان پيار ڪندا، وڻندڙ وڻندڙ جيتن، جانورن ۽ پکين جون تصويرون ٺاهيندا. ڪنهن جي به، ڪهڙي به ڳالهه کي صبر ۽ تحمل سان ٻُڌندا. اُڀرا ٿي، اجايو شور نه ڪندا. اِن سان ٻين جي ڳالهه کي به اهميت ڏيندا ۽ پنهنجي ڳالهه کي به درست انداز ۾ سيني جي سامهون رکي سگهندا. ■

# ڪراچيءَ جي تاريخ تي هڪ بحث

- ڪراچي وڏو مظلوم شهر آهي. ڪراچي شهر کي سنڌ ٺاهيو آهي. انگريزن سنڌ کي هميشه شڪ جي نگاهه سان ڏٺو. سر فريئر بارٽل به مقامي ماڻهن جي گڏ ڪيل چندي جي پئسن مان فريئر هال ٺهرايو. _ مدد علي سنڌي
- ڪراچي جي آباديءَ تي به اختلاف آهن. شهر جو ڪو ماسٽر پلان ڪونهي. اڪثريتي آبادي ڪچي آبادين ۾ رهائش پذير آهي._ شمس جعفراڻي
- اهو چوڻ ته ڪراچيءَ کي لياريءَ جوڙيو، درست ڳالهه ناهي. 0588 ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪراچيءَ جي نئين رخ جو تعين ٿيو. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن ڪراچيءَ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کنيا. انگريزن ڪراچيءَ جي اٽسڌي طرح تباهي آندي._ ڊاڪٽر رياض شيخ
- هيءُ شهر پنهنجي سڃاڻپ کان محروم آهي. اسان سڀني کي ڪراچيءَ کي پنهنجو ڪرڻو پوندو._ عبدالغفور ڪتري



لياقت عباسي

ڪراچيءَ جي قديم جاگرافيائي، ثقافتي، سماجيءِ معاشي تاريخ تي ناليواري محقق ۽ ليکڪ عبدالغفور ڪتري جي ڪتاب "ڪراچيءَ جي ڪهاڻي تاريخ جي زباني" جي ٻئي واڌارن واري ڇاپي جي مهورتي تقريب ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي آرٽس ڪائونسل جي حسينه معين حال ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن جي صدارت ناليواري تاريخدان ۽ محقق پروفيسر اعجاز قريشي ڪئي، جڏهن ته ميزباني جا فرائض ياسر قاضي سرانجام ڏنا.

ان موقعي تي ڳالهائيندي اعجاز قريشيءَ تقريب ۾ شريڪ ماڻهن کي مخاطب ٿيندي چيو ته، "آءٌ هتي ويٺل سڀني دوستن کي سنڌي سمجهان ٿو." ڪتاب ۽ ان جي ليکڪ تي ڳالهائيندي هن چيو ته، عبدالغفور ڪتريءَ عظيم ڪم سرانجام ڏنو آهي، جيڪو مبارڪ لائق آهي. هن چيو ته، "ورهاڱي بعد تنهن وقت جي وزيراعظم لياقت علي خان پڌرائي جاري ڪئي هئي ته، هاڻي صرف اردو ٻولي هلندي، جنهن تي سنڌ واسين کي تڪليف پهتي هئي، اهڙو نوٽيفڪيشن مون وٽ هن وقت به موجود آهي ۽ ڪراچي جي تاريخ جي حوالي سان هڪ هزار صفحن تي ٻڌل مواد پڻ مون وٽ موجود آهي."

هن چيو ته جمشيد مهتا سميت تمام گهڻن ماڻهن ڪراچيءَ کي ٺاهيو. مون به ڪراچيءَ تي ڪتاب لکيو آهي، پر هي ڪتاب به سنڌي ۽ انگريزي ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي ته جيئن هتان جي اصلوڪن ماڻهن بابت دنيا کي خبر پوي. هاڻي به وقت آهي ته اسان هڪ بهتر ماحول جوڙي سگهون ٿا. هن چيو ته هن معاشري کي تبديل ڪري ان کي امن جو گهوارو بڻائڻ گهرجي ته جيئن سڀني کي پنهنجو حق ملي. هن چيو ته، ڪتري جي ڪتاب ۾ اڃان ڪجهه ڪم رهي ٿو. مون به ٽي ڪتاب سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ڪراچي تي لکيا آهن.



ڪتاب جي ليکڪ عبدالغفور ڪتري چيو ته، ڏسڻو اهو آهي ته تاريخ آهي ڇا؟ تاريخ جي مجسمي ۾ روح ان وقت پوندو آهي جڏهن توهان ان وقت جي معاشرتي ڪاروهنوار کي قلمبند ڪيو ٿا. مون به هن ڪتاب ۾ تاريخ جي مجسمي ۾ روح ته نه صحيح ، پر ان کي سميٽڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. هن چيو ته، ڪراچي جي ثقافت بهتر ناهي ٿي سگهي. هيءُ شهر پنهنجي سڃاڻپ کان محروم آهي. اسان سڀني کي ڪراچيءَ کي پنهنجو ڪرڻو پوندو. مون کي ڪراچيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ سان پيار آهي. ڪ راچي جي علامتي شناخت؛ عمارتن ۽ ماڳن کي بچائڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي.

مدد علي سنڌي ڳالهائيندي چيو ته، ڪراچي تي هيءُ هڪ مستند ڪتاب آهي. ڪراچي وڏو مظلوم شهر آهي. ماڻهن هن شهر کي ڇا ڏنو، اهو هڪ وڏو سوال آهي. هن چيو ته، ڪراچي شهر کي سنڌ ٺاهيو آهي. انگريزن سنڌ کي هميشه شڪ جي نگاهه سان ڏٺو. انهن سنڌ ۾ تعليمي ادارا نه ٺاهيا. هنن سنڌي مسلمانن ۽ هندن سان تعصب رکيو، جڏهن ته هتان جي مقامي ماڻهن ڪراچيءَ جي ترقيءَ لاءِ وڏو ڪم ڪيو. سر فريئر بارٽل به مقامي ماڻهن جي گڏ ڪيل چندي جي پئسن مان فريئر هال ٺهرايو.

مدد علي سنڌيءَ چيو ته، ڪراچيءَ جي وڏي شهر هئڻ جي ڳالهه ته ڪئي ٿي وڃي پر ڦوڪٽي وانگر وڌندڙ هن شهر جي مسئلن ۽ ترقيءَ ڏانهن حقيقي نظر ڪونهي. سڀ کان وڏو ڪرائيم هن شهر ۾ پيو ٿئي. شهر جي ترقي نه صرف سنڌ حڪومت پر هتان جي سڀني رهواسين جي به ذميواري آهي. هن اهو به چيو ته شهر جي وڌندڙ مسئلن جي ڪو به ذميواري کڻڻ لاءِ تيار ناهي. 1947ع کان پهريان هي شهر پئرس هيو.

مدد علي سنڌيءَ چيو ته، منهنجي خواهش آهي ته هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي. ڪراچيءَ جي حوالي سان ماضيءَ ۾ انگريزي سميت مختلف ٻولين ۾ لکيل ڪتابن کي به سنڌي ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي.

سنڌ ثقافت کاتي جي اڳوڻي سيڪريٽري شمس جعفراڻي چيو ته، مان پاڻ کي ڪتاب تائين محدود رکندس. ڪراچي کي ڪنهن ٺاهيو؟ مان چوندس ته ڪراچي کي ڪراچي واسين ٺاهيو، پوءِ اهي ڪير به هجن. ڪراچي جي بندرگاهه ۽ گورا قبرستان ۾ پهرين قبر ڪنهن جي هئي، ان جو به هن ڪتاب ۾ ذڪر آهي. ڪراچي جي آباديءَ تي به اختلاف آهن. شهر جو ڪو ماسٽر پلان ڪونهي. اڪثريتي آبادي ڪچي آبادين ۾ رهائش پذير آهي. ٻيلي ڪراچي جي ماضيءَ تي فخر ڪيو وڃي، پر شهر جي ڀلائيءَ تي به ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي سياست جو گڙهه رهيو آهي پر 600 صفحن جي هن ڪتاب ۾ سياست جو ڪو ذڪر ڪونهي. ورهاڱي بعد ڪراچيءَ ۾ آيل لکين ماڻهن جي مسئلن کي به نظر انداز ڪيو ويو آهي، پوءِ به ليکڪ مبارڪ جي لائق آهي.



پروفيسر رياض شيخ ڳالهائيندي چيو ته، هي ڪتاب اهم آهي. هيءَ ڪراچيءَ جي تاريخ کي صحيح رخ ۾ ڏسڻ جي هڪ ڪوشش آهي. شهر تاريخ جي تناظر ۾ پاڻ ترقي ڪندا آهن. اهو چوڻ ته ڪراچيءَ کي لياريءَ جوڙيو، درست ڳالهه ناهي. عبدالغفور ڪتري تاريخ لکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. 1699 ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪراچيءَ جي نئين رخ جو تعين ٿيو. پورٽ جي سروي ٿي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن ڪراچيءَ کي ترقي ڏيارڻ لاءِ عملي قدم کنيا. انگريزن ڪراچيءَ جي اٽسڌي طرح تباهي آندي. هنن سنڌ کي ڇڏي ڪراچي ڪيپچر ڪئي. هنن کي پورٽ کپندو هيو. هنن اڌ ڪراچيءَ کي ڇانوڻيءَ حوالي ڪري ڇڏيو. رولنگ ڪلاس هتان جي مقامي آباديءَ کي ريڊ انڊين بڻائي ڇڏيو آهي. پنهنجي جنم ڀومي کان بغير جيئڻ به ڪو جيئڻ آهي؟

شازيه نظاماڻي چيو ته، عبدالغفور ڪتري جو هي ڪتاب انهن جي منهن تي زوردار چماٽ آهي، جن ڪراچي جي تاريخ کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي ڪتاب سڀني کي پڙهڻ گهرجي. هيءُ هڪ وڏو ڪارنامو آهي. هن چيو ته جي گورن ماضيءَ ۾ ڪراچيءَ کي جوڙيو ته ڪو احسان نه ڪيو، پر انهن اسان جي پئسن ۽ وسيلن سان هن شهر کي ترقي ڏياري. ڪراچي جي حوالي سان فيڪ ڪهاڻين کي منهن ڏيڻ لاءِ هي ڪتاب ڪافي آهي.

ناليواري صحافي محمد يونس مهر جو چوڻ هيو ته، عبدالغفور ڪتريءَ هي ڪتاب لکي هڪ وڏو ڪم ڪيو آهي. ڪراچيءَ جي جيتري قدامت آهي، اوترا ڪراچيءَ جي نالن جو پڻ ڪتاب ۾ ذڪر آهي. ڪراچيءَ جا رهواسي سڀ ڪراچي جي ميراث هئا. سيڪيولر ڪراچي ۾ مذهبي رواداري هئي. ورهاڱي وقت ٿيل فسادن جي نتيجي ۾ ڪراچي جي ميراث کي هجرت ڪرڻي پئي. مارواڙي، گجراتي، سنڌي ميمڻ، هندو، پارسي، يهودي، بلوچن ۽ ٻين قومن لاءِ ڪراچي شهر کي اجنبي بڻايو ويو. اها تاريخ جي وڏي واردات فلسطينين وانگر ڪراچيءَ واسين سان به ٿي آهي. ماضي جي ڪراچي ۾ جانور جي به اهميت هئي، پر افسوس جو هن وقت ڪراچيءَ ۾ انسان جي به اهميت ناهي.


تقريب ۾ هاني بلوچ ڳالهائيندي دعويٰ ڪئي ته، ڪراچي کي ٺاهيندڙ مقامي بلوچ ۽ مهاڻا هيا. ڪراچي لاءِ هنن جنگيون وڙهيون ۽ قربانيون ڏنيون. هن جو چوڻ هيو ته لياري ڪراچي کي جنم ڏنو آهي، نه ڪي ڪراچيءَ لياري کي جنم ڏنو آهي. هن صلاح ڏني ته ڪتاب جو ضرور مطالعو ڪرڻ گهرجي.

هاني بلوچ جي گفتگو بعد تقريب جي ميزباني ڪندڙ ياسر قاضي، حاني بلوچ جي دعويٰ تي وضاحت ڪندي چيو ته، اهو انتهاپسندي تي ٻڌل بيان آهي ته، لياريءَ ڪراچي کي جنم ڏنو آهي. اها تاريخ جي سراسر ابتڙ ڳالهه چئبي.

ياسر قاضي پروگرام جي ڪارروائي کي اڳتي وڌائيندي مهمان مقرر شازيه نظاماڻيءَ جي ڪيل گفتگو جو حوالو ڏيندي وڌيڪ چيو ته "انٽيريئر_ اندرون سنڌ" جو اصطلاح جاستعمال ڪندڙن کان پڇاڻو ڪرڻ گهرجي ته، ڇا ملڪ جي ٻين صوبن ۾ به اهڙو اصطلاح استعمال ڪيو پيو وڃي؟ اهڙي تاثر کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ان کان اڳ اخلاق احمد مهمانن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته، ڪراچي آرٽس ڪائونسل جا دروازا ڪتابن، ليکڪن ۽ فنڪارن لاءِ هميشه کليل رهيا آهن. هن چيو ته، هن ڪتاب تي ڳالهائڻ لاءِ تقريب ۾ ڏاها موجود آهن، ۽ مون هن جهڙو ڪتاب پنهنجي زندگيءَ ۾ ناهي ڏٺو. هن چيو ته، شهر به انسانن وانگر لڳندا آهن. عبدالغفور ڪتري هن شهر کي ڏنو آهي، ۽ وڏو ڪم ڪيو آهي.

ان موقعي تي ڪتاب جي باضابطه مهورت به ڪئي وئي ۽ اسٽيج تي ويٺل مهمانن کي اجرڪ اوڍايا ويا. ■



# The Nightingale

# آسٽريليا جي بيٺڪيتي دور جي پسمنظر ۾ ٺاهيل فلم





مشهور فلمي هدايتڪاره جينيفر ڪنٽ جي هن فلم ”دي نائيٽنگيل“ (The Nightingale)جي ڪهاڻي هڪ طاقتور ۽ دل ڏاريندڙ تاريخي ڊرامي بابت آهي، جيڪو 1825 ع ۾ آسٽريليا جي ظالماڻي بيٺڪيت واري دور جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. فلم جي ڪهاڻي ڪلير (آئسلنگ فرانچوسي) جي چوڌاري ڦري ٿي، جيڪا هڪ نوجوان آئرش قيدياڻي آهي ۽ برطانوي سپاهين جي هٿان نه سهڻ جوڳو صدمو پوڳي ٿي. غم ۽ انصاف جي شديد خواهش سان ڀرپور، ڪلير، تسمانيا جي جهنگلن ۾ هڪ خطرناڪ سفر تي نڪري ٿي ته جيئن پاڻ سان ڪيل ڏاڍ جو انتقام وٺي سگهي.



هن سفر ۾ سندس ساٿ بلي (بڪلائي گانمبار) ڏئي ٿو، جيڪو هڪ مقامي قبائلي ٽريڪر آهي ۽ پنهنجي اذيتناڪ ماضيءَ سان جنگ وڙهي رهيو آهي. هو ٻئي هڪ غير مستحڪم اتحاد ناهين ٿا. گڏجي، اهي نه رڳو بيرحم سپاهين سان مقابلو ڪن ٿا، پر بيٺڪيتي سرشتي جي ڳوڙهي بنياد ۾ وينل تشدد ۽ نسل پرستي کي به منهن ڏين ٿا.

جينيفر ڪنٽ جي بيباڪ هدايتڪاري، ۽ فرانچوسي ۽ گانمبار جي دل کي ڇهندڙ اداڪاري، ڪهاڻيءَ ۾ بي ريا انداز ۾ جذباتي شدت جو اضافو ڪن ٿا. فلم انتقام، صبر ۽ بيٺڪيتي نظام جي تباهه ڪندڙ اثرن جي موضوعن کي اجاگر ڪري ٿي، جڏهن ته اهو به ڏيکاري ٿي ته گڏيل تڪليفن دوران انسانيت ڪيئن ابري ٿي.

”دي نائيٽنگيل“ فلم کي پنهنجي بي خوف ڪهاڻي ٻڌائڻ تي تمام گهڻيون تعريفون مليون ۽ ان کي وينس فلم فيسٽيول ۾ اسپيشل جيوري پرائز مليو. جيتوڻيڪ ان ۾ گرافڪ ۽ شديد منظر شامل آهن. هيءَ هڪ گهري اثر ڇڏيندڙ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪندڙ فلم آهي، جيڪا ڏسندڙن جي ذهنن ۾ ڪريڊٽس ختم ٿيڻ کانپوءِ به گهڻي دير تائين رهندي. ■



## آئرلينڊ جي اداڪاره آئشلنگ فرانچيوسي

نالي واري اداڪاره آئشلنگ فرانچيوسي 6 جون 1993 تي ڊبلن، آئرلينڊ ۾ ڄائي. هيءَ آئرش ۽ اطالوي نسل سان واسطو رکي ٿي. پنهنجي ورسٽائل اداڪاري ۽ شاندار پرفارمنس سبب هن فلم ۽ ٽيليويزن ٻنهي ۾ اهم حيثيت حاصل ڪئي آهي. هن 2018 جي تاريخي ڊراما فلم ”دي نائيٽنگيل“ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو، جيڪا جينيفر ڪينٽ جي هدايتڪاري هيٺ تيار ٿي، ۽ ان فلم لاءِ هن اي سي ٽي اي ايوارڊ به حاصل ڪيو، جڏهن ته نقادن به سندس تمام گهڻي ساراهه ڪئي. هن فلم ۾ ڪليئر ڪيرول جي ڪردار سندس جذباتي طور تي ڏکين ڪردارن کي ڏاهپ ۽ مهارت سان ادا ڪرڻ جي صلاحيت کي نروار ڪيو.

آئشلنگ جي ڪيريئر کي خاص واڌارو ان وقت مليو، جڏهن هن ”آر ٽي اي-بي بي سي ٽو“ جي ڪرائيم ڊراما سيريز ”دي فال“ (2013_2016) ۾ ڪيٽي بينيڊيٽو جو ڪردار ادا ڪيو، جنهن تي هن بهترين معاون اداڪاره جو آئرش فلم اينڊ ٽيليويزن ايوارڊ حاصل ڪيو. بعد ۾ هن ”ليجنڊز“ (2015)، ”گيم آف ٿرونز“ (2016_2017) ۾ ليانا اسٽارڪ جو ڪردار، ۽ بي بي سي جي مني سيريز ”بليڪ نرسس“ (2020) ۾ سسٽر روٿ جو ڪردار ادا ڪيو. سندس ”بليڪ نرسس“ ۾ شاندار پرفارمنس تي کيس آئرش فلم اينڊ ٽيليويزن ايوارڊز ۾ ”رائزنگ اسٽار ايوارڊ“ سان نوازيو ويو.

ٽيليويزن کان سواءِ آئشلنگ ڪيترين ئي اهم فلمن ۾ پڻ ڪم ڪيو آهي، جن ۾ ”دي اَن فارگيوئبل“ (2021)، ”گاڊز ڪريچرز“ (2022)، ۽ ”دي لاسٽ ووئج آف دي ڊيميٽر“ (2023) شامل آهن. هن وائس اوور جي دنيا ۾ به قدم رکيو ۽ اينيميٽيڊ سيريز ”دي ليجنڊ آف ووڪس مڪينا“ (2023_2024) ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو. سندس ايندڙ پروجيڪٽس ۾ ”روٿڪو“ نالي بايوگرافڪ ڊراما ۽ ٿرلر فلم ”ٽرن اپ دي سن“ شامل آهن.

انگريزي، آئرش ۽ اطالوي ٻولين تي مهارت رکڻ سان گڏ آئشلنگ هڪ ڳائڻي پڻ آهي ۽ اطالوي اداڪارائن لاءِ پوسٽ-سنڪرونائزڊ ڊائيلاگ ريڪارڊنگ ۾ به پنهنجون خدمتون انجام ڏنيون اٿائين. پنهنجي فن جي شوق ۽ مختلف ڪردارن ۾ پاڻ کي بهترين طريقي سان سمائڻ واري خاصيت سبب، هوءَ آئرلينڊ جي سڀ کان وڌيڪ باصلاحيت اداڪارائن مان هڪ ليکبي آهي. وڏندڙ اعزازن ۽ زبردست ڪيريئر سان آئشلنگ فرانچيوسي عالمي سطح تي ناظرين کي متاثر ڪرڻ جو سلسلو جاري رکندي پئي اچي. ■